# مرگهه اُجارا نيڻ

شاهد حميد

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد



مرگهه اُجارا نيڻ



ڪتاب نمبر 49

هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | مرگهہ اُجارا نيڻ |
| موضوع: | شاعري |
| شاعر: | شاهد حميد، ٽنڊوباگو (بدين) |
| ڇاپو پهريون: | اپريل 2017ع |
| تعداد: | هڪ هزار |
| ڇپائيندڙ: | "مسافر" پبليڪيشن، ٽنڊوباگو، ضلعو بدين |
| ڇپيندڙ: | سمبارا پبليڪيشن |

سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گهٽي گاڏي کاتو حيدرآباد
03003513966

مُلهہ: =/250

***MIRGH UNJARA NEN***
(***Poetry***)
***Poet By: Shahid Hameed***
***Sambara Publication Hyderabad***
***0300351***






# ارپنا

ٽڙڻ جي ڏينهن ۾ ڇڻي ويل
پنهنجي اُن ننڍي ڀيڻ جي نالي
جنهن کي ساري آئون هميشہ
لطيف جي هي سِٽ ٽي ويندو آهيان

**"ويرو تار ڏکن سڄڻ پڳي هڏ جيئن"**

اک اُجارا پوهہ اجارا، مرگهہ اجارا نيڻ.
(حليم باغي)

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”مرگهه اجارا نيڻ“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **شاهد حميد** جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو آهي. ساجد سنڌي لکي ٿو:

”جڏهن شاهد حميد جي ڪوتائن کي پڙهجي ٿو ته سندس شاعري جو هڪ وسيع جهان مختلف صنفن جي روپ ۾ اسان کي اسان جي اندرجو آئينو پسائي جتي نتهڻ اس ۾ گهاتي چانوري جو احساس ڏياري ٿو، اتي زندگيءَ جي غيرمعنويت رمزن جا راز پڻ سلجهائي ٿو. نهايت سادي ۽ مانيٽي طبيعت جي مالڪ شاهد حميد جي شاعري ۾ موجود احساسن جي پختگي سندس تڙپ ۽ اندر ۾ آيل ولوڙ کي اپاري ٿي. جنهن ۾ سندس داخلي ۽ خارجي ڪيفيتن جي اپٽار جابجا جهلڪندي نظر اچي ٿي.“

هي ڪتاب **سمبارا پبليڪيشن حيدر آباد** پاران اپريل 2017ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون پياري دوست ۽ سنڌ سلامت جي سڄڻ ساجد سنڌيءَ جا جنهن سمبارا پبليڪيشن پاران ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني..

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**





## اداري پاران

جتي سنڌ ۾ سنڌي شاعريءَ جا ججهي انگ ۾ ڪتاب ڇپجي رهيا آهن، اتي اڪثريت اهڙن شاعرن جي آهي جن جي شاعريءَ ۾ ضابطن جي پيچڪڙي، فڪر جي اڻاٺ، خيالن جي لتاڙ ۽ مشاهداتي گهرائي جي کوٽ ليئاڪا پائيندي نظر اچي ٿي، پر ”اڄان ڪي آهين، ڪل جڳ ۾ ڪاپڙي جيان“ جڏهن شاهد حميد جي ڪوتائن کي پڙهجي ٿو ته سندس شاعري جو هڪ وسيع جهان مختلف صنفن جي روپ ۾ اسان کي اسان جي اندرجو آئينو پسائي جتي نتهڻ اس ۾ گهاتي چانوري جو احساس ڏياري ٿو، اتي زندگيءَ جي غيرمعنويت رمزن جا راز پڻ سلجهائي ٿو. نهايت سادي ۽ مانيٽي طبيعت جي مالڪ شاهد حميد جي شاعري ۾ موجود احساسن جي پختگي سندس تڙپ ۽ اندر ۾ آيل ولوڙ کي اپاري ٿي. جنهن ۾ سندس داخلي ۽ خارجي ڪيفيتن جي اپٽار جابجا جهلڪندي نظر اچي ٿي.

شاهد حميد جو هي پهريون شعري مجموعو ”مرگهہ اجارا نيڻ“ بہ نہ فقط سندس اڌوري پياس جو اولڙو آهي پر اڻ ڇهيل سپنن جو اهڙو الجهيل جار بہ آهي، جنهن کي سلجهائڻ لاءِ گهڻا جتن ڪرڻ جي بہ ضرورت ناهي، بس رڳو پيار جي سڳي کي پوئڻ جو ڍنگ اچڻ گهرجي.صوفياڻي مزاج جي هن ڪوي وٽ لکڻ جو ڏانءَ بہ انوکو آهي،شاهد جنهن بہ صنف ۾ هٿ وڌو آهي ان سان پرپور نياءُ ڪيو آهي، سندس بيت، غزل، وايون، نظم ،هائيڪا، ڏيڍ سٽا، دوها، سوايون توڙي پنجڪڙا پرينءَ جا پار پچائيندي بہ نظر اچن ٿا تہ لطيفي راهہ جو رستو بہ ٻڌائين ٿا، محبتي مايا جو موهہ سندس سٽ سٽ ۾ اپري اندر جي اونهائين کي ڇهي ٿو.جنهن لاءِ پڙهندڙ جون اکيون هميشہ اتاوليون رهن ٿيون. اميد تہ سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد پاران ”مرگهہ اجارا نيڻ“ جي اشاعت پڻ شاعراڻو ذوق رکندڙ پڙهندڙن لاءِ هيئين سان هنڊائڻ جو سبب بڻبي.

**ساجد سنڌي**
**سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد**
03003513966

## شاعر پاران

منهنجو تعلق ان ذات سان آهي جنهن لاءِ محمد صديق مسافر پنهنجي ڪتاب “غلامي ۽ آزادي جا عبرتناڪ نظارا” ۾ لکيو آهي ته انهن کي آفريڪا جي ملڪ زنجبار مان غلام بنائي هتي آندو ويو ۽ وڪرو ڪيو ويو. منهنجو ننڍپڻ ٿرپارڪر جي ڀرواري ۾ گذريو آهي جيڪو سنڌ جي ٻين ڳوٺن جيان هڪ ڳوٺڙو هو جتي مادي وسيلا خير ڪا هئا ها ان ۾ پلس پوائنٽ اها هئي ته بابا وٽ وڏن پاران ڇڏيل ڪجهه زمين جو ٽڪرو هو جنهن ڪري اسان جو گذر سفر ٺيڪ هيو. اهو ئي سبب آهي جو بابا مونکي ٻڌائيندو هو ته جڏهن تون ڄائو هئين ته مون باواني شگر مل تان ڪنڊ جو سڄو ڪٽو آڻي ڳوٺ جي سيني گهرن ۾ ورهايو هو. مونکي فطرت سان پيار آهي. ڳوٺاڻي فطري زندگي مون کي اڄ به وڻندي آهي ۽ شهرن جو مشيني ۽ غير فطري ماحول مونکي بيچين ڪندو آهي. شهرن جا گهر خوبصورت ۽ ڪشادا پلي هجن پر انهن ۾ رهندڙن جون دليون مونکي سوڙهيون محسوس ٿينديون آهن، اهو ئي سبب آهي جو شهر ۾ رهندي به آئون اڄ به پاڻ کي ڳوٺاڻو تصور ڪندو آهيان. هڪ اهڙو ڳوٺاڻو جيڪو واهن، ڪڙين، گسين، ٻنين، ڪڙن، ڪڙمين، ڳوٺ جي ڇڙواڳ هوائن ۽ اتي جي لين، لاٽن، ڏيڻ، پتر جي گلن ۽ ڍير جي گلن جي سونهن اڄ به وساري نه سگهيو آهي. ڳوٺ جا اهي پکي، اهي وروڪڙ پيچرا، اهي ٻينن جا هموار ۽ ناهموار پارا، اهي ڪڙون ۽ انهن ڪڙن تي ڪوڏار پاسي ۾ رکي گهران آيل گهاٽي لسي ۽ مکڻ ۽ چانورن جي ماني سان نيرن ڪندڙ اهي هاري مونکي اڄ به ياد ايندا آهن. فطرت سان اهو لڳاءُ ۽ اُنسيت منهنجي بيتن ۾ بار بار اپري آيو آهي. مونکي ياد آهي جڏهن پرائمري ۾ پڙهندو هئس ته گرمين جي موڪلن ۾ ڳوٺ جي هڪجيڏن سان گڏ پنهنجو مال ڪاهي جهنگ ۾ چارڻ ويندو هئس ۽



مرگهہ اُجارا نيڻ

جڏهن بنپهرن جو مال چري چئنل واهه جي پر ۾ بيٺل انبن ۽ ٻيرن جي ڇانوَ ۾ ويهندو هو ته اسين سڀ هڪ جيڏا چئنل ۾ وهنجندا هئاسين ۽ واهه ۾ ڪُندرُو راند کيڏندا هئاسين. جيستائين موڪلون هونديون هيون تيستائين اهو اسان جو روز جو معمول هوندو هو. ڪڏهن تَري واهه جي ڀَئي ڪناري بيٺل آمري جي وڻ مان پڪل آمرا پٽي ايندا هئاسين يا انبن جي وڻن مان شاخون ڏنل انبڙيون پٽي ايندا هئاسين اهي وڻ جوٽيجن جا هوندا هئا جن جو راکو ڪڏهن ڪڏهن اسان جي پويان به لڳندو هو پر اسين تَري اورئين ڪپ تي ايندا هئاسين. وهنجڻ دوران اڪثر ڪناري تان بيهي پاڻي ۾ ٽپ ڏيندا هئاسين. مونکي ياد ٿو اچي ايئن ڪرڻ دوران هڪ دفعي آئون پاڻي ۾ چڱو هيٺ هليو ويو هئس ۽ واپس مٿي اچڻ تائين مونکي ڪافي وقت لڳو هو ۽ منهنجو ساهه پرجي پيو هو. آئون سنو تارُو هئس پر منهنجو دوست ڪنهيو مونکان به سنو تارُو هو. هُو هڪ ڪناري کان ٻئي ڪناري تائين هڪ ساهي ۾ ٽُٻي هڻي هليو ويندو هو. ڪنهيو مون سان سارو ڏينهن پاڇي وانگر گڏ هوندو هو ۽ اسين جهنگ ۾ رُلندا وتندا هئاسين. ڪنهيو مُرلي منوهر وانگر سانورو هوندو هو. مونکي خبر ناهي ته هُن کي هُن جي راڌا ملي يا نه يا هُو اڄان به بنسري ڪٽي پٽڪندو ٿو وتي! هُن کي ڪا ئي گوپي ڪنهن گهاٽ تي گڏي يا نه. پر زندگي جي سفر ۾ ڪيئي گوپيون مونکي ضرور مليون جن کي ساري مون هڪ نثري ٽڪرو لکيو هو ته:

“ڪرشن! توکي اهو ٻڌي حسد نٿو ٿئي ته مونکي به تو وانگر ڪيئي گوپيون آهن.”

آرٽ سان محبت مونکي ورثي ۾ ملي آهي. منهنجو بابا جواني ۾ ڳائيندو به هيو ۽ ڍولڪ به وڄائيندو هيو. آئون جڏهن يارهن ٻارهن سالن جو هئس ته ان وقت بابا محرم جا ڏهه ئي ڏينهن ڳوٺ ۾ ئي هڪ پِڙ (جنهن کي هو پاڻ ئي وڏن کان وٺي سنڀاليندو هو) ۾ نغارا وڄائيندو هو ۽ هُن حيدرآباد مان منهنجي لاءِ به ننڍڙا نغارا آندا هئا، جيڪي آئون سندس پر ۾ ويهي وڄائيندو هئس. منهنجي نانا جوڀاءُ جمال به جواني ۾ ڳائيندو هيو. شايد اهو ئي ڪارڻ آهي جو منهنجي شاعري

۾ جيڪو ٿورو گهڻو ردم آهي اهو ورثي ۾ مليل موسيقي جي ڪري ئي آهي. شاعري مون 1987 يا 1988 ۾ شروع ڪئي هئي جڏهن چوٿين يا پنجين ڪلاس ۾ پڙهندو هئس ان وقت جي اها شاعري هن ڪتاب ۾ موجود نہ آهي ڇاڪاڻ جو اهو سمورو مواد جيڪو ٽن ڊائرين تي اتاريل هو گُم ٿي چڪو آهي. هن ڪتاب ۾ ڏنل مواد 1990ع کان پوءِ جي ڪيل شاعري آهي. آئون شاعري ۾ بيت کي پنهنجي اظهار جو مؤثر ذريعو سمجهان ٿو. هونئن تہ سانيٽ کي ڇڏي ڪري مون تقريباً هر صنف ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر بيت مونکي ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ وڻندو آهي. پرائمري پڙهڻ دوران ئي هُو مونکي ملي هئي جيڪا منهنجي ذات جي پَٽ راڻي آهي. هُن کي ساري مونکي فارسي جو هينيون شعر ٿو ياد اچي.

صبا بہ لطف بگو آں غزال رعنارا
کہ سر بہ کوہ بیاباں دادہ مارا

ترجمو: اي اُتر هيرا! هُن من موهڻي هرڻي کي پيار سان چئجانءِ تہ مونکي ٿرن ۽ برن ۾ ڀٽڪائي ماريو اٿائين.

هن جي سوداءُ مونکي ڪيترو وقت ڏاڍو ڀٽڪايو. ڪنهن ڪنهن وقت جڏهن آئون اسان جي ٻني ۾ ٻيٺل هوندو هئس ۽ هُن جو آواز ٻڌندو هئس تہ گهر ڏانهن سِراڙو پائي ڊوڙندو هئس. جڏهن هو پاسي واري گهر وٽان ٻيهي امان سان ڳالهائيندڙ هوندي هئي. هڪ پيرو انبن ۾ پڪل شاخن سان جهول پري ان کي ڏيڻ تي ويس پر ڪافي وقت گومگو واري ڪيفيت ۾ رهڻ ڪانپوءِ بہ هن کي شاخون ڏيئي نہ سگهيس ۽ گهر ڏانهن موٽي ويس. هن جي گهرن جي پُٺ کان منهنجي ٻني هئي ۽ هن جي گهر جي پويان جر جو نلڪو لڳل هو. جتي هُوءَ ٿانو وغيره ڌوئندا هئا يا پيئڻ جو پاڻي ڀريندا هئا. منهنجي ٻني ۾ ٻير جو هڪ وڻ هوندو هو جنهن تان هن جي گهر جي پُٺ ۽ اهو نلڪو چِٽا نظر ايندا هئا. آئون ڪو نہ ڪو ڪتاب کڻي روز ان ٻير جي وڻ تي چڙهي ويهندو هئس ۽ هن کي ڏسندو هئس. آسڪر وائلڊ چيو آهي "سونهن لاءِ ضروري ناهي تہ ان سان گفتگو ڪئي وڃي، ڪي عورتون تنهنجي ياد ۾ رهجي وڃن ٿيون جن سان تون فقط گهٽي جي





ڇيڙي تائين گهميو آهين."

زندگي ۾ ڪيترائي چهرا اسان جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائين ٿا پر انهن مان ڪجهہ پٿر تي ليڪ جيان ياد رهجي وڃن ٿا. هُوءَ مون سان ڪنهن اين جي او جي ورڪشاپن دوران ملي هئي. ورڪشاپ دوران ويهندي مون سان گڏ هئي ۽ چانهہ جي وقفي دوران ڪو نہ ڪو گيت ٻڌائڻ جي فرمائش ڪندي هئي جڏهن مون هڪ غزل جون هينيون سٽون لکيون هيون تہ منهنجي ڌيان جي آرسي تي هن جو ئي دهو پئجي رهيو هو.

"حَسين يادن جا مينهن ڪٽي اچ، هجر جي ڪاڙهن ڇٽي ڇڏيو آ،
هزار سپنا اکين ۾ پوئي اسان ڏني ڪنڊ ڪکر ڪکر جي."

اِئين ئي هُوءَ جيڪا پڪل ڊاک جهڙي هوندي هئي جنهن ڏانهن آئون فجر کان ٿورو اڳ ۾ جڏهن ويندو هئس تہ هُوءَ دروازو کولي ٻاهر نڪري ايندي هئي ۽ سندس در جي اوٽ وٽ ٻيهي ڳالهائيندا هئاسين. ان کي ساري مونکي فارسي جو هينيون شعر ياد ايندو آهي.

علی الصباح کہ مرداں، بہ کار کار روند
بلاکشان محبت بہ کوئے یار روند

ترجمو:

صبح سويري جڏهن ماڻهو پنهنجي جدا جدا ڪمن لاءِ نڪرن ٿا تہ پريت ڪرڻ وارا پنهنجي پرينءَ جي گهٽي ڏانهن وڃن ٿا.

شيخ اياز ڪنهن هنڌ لکيو آهي تہ جواني جا دوست ڏاڍا پيارا ٿيندا آهن. مون لاءِ منهنجا دوست هر وقت گهاٽي ڇانوَ جيان رهيا آهن جن ڪڏهن بہ مونکي هن تتل آرهڙ جهڙي حياتيءَ ۾ اُس لڳڻ جو احساس نہ ڏياريو آهي. امين ميمڻ، جنهن سان گڏ حياتيءَ جو هڪڙو لاابالي دؤر گذريو. جڏهن ڪنهن جي اچڻ جي آس ۾ سج لهي ويندو هو ۽ ان جي پيرن جا نشان ڪٿان بہ نظر نہ ايندا هئا تہ آئون امين جي جهولي ۾ ڪنڌ رکي ٻارن جيان سُڏڪا ڀري روئندو هئس يا ڪڏهن هو ڪنهن جي سار جي سارنگي وڄائيندو هو تہ منهنجو سڄو وجود ڪن ٿي ان کي ٻڌندو هو. اسين ڏينهن جا ڏينهن ۽ راتين جون راتيون گڏ هوندا هئاسين ۽ وقت اسان کان وِٿي ڏيئي گذرندو هو.

پيشم ڪمار ”آزاد“, اهو دوست جنهن مونکي پاڻ سڃاڻڻ ۾ مدد ڪئي. جڏهن 1992ـ93ع ۾ ادبي سنگت جا ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ شروع ڪيم تہ اتي چند اهڙا دوست مليا جن کي پنهنجو چوندي اڄ بہ فخر محسوس ٿيندو آهي. منصور ڪٽي، سليمان ”امر“ سمون، پيشم ڪمار ”آزاد“ (جنهنجو ذڪر مٿي ڪيم)، اهڙا دوست آهن جيڪي اڄ بہ لطيف جي لفظن ۾ هينئين لاءِ ٺوڻيون آهن.

اسڪول جا دوست امتياز ڪٽي، حبيب ميمڻ، عرس ٻڪاري، عمران خواجہ، ارسلان خواجہ، آصف پرڳڙي، اسڪول ڪانپوءِ جا دوست ساجد جوکيو، جي ايم لغاري، جي ايم سومرو، مُريد جلباڻي، شير زمان شاهہ قريشي، عرفان قمبراڻي، اڪبر ملاح، نجيب ڪٽي، شاهنواز هاليپوٽو، اِشو لوهاڻو، شاهجهان سمون، نذرل شرما ۽ منهنجا اديب دوست حبيب ملاح، نور احمد سمون، پير بخش ”صابر“ شيدي، مبشر ”امر“ کتري، منظور سمون، فراق هاليپوٽو، اقبال هاليپوٽو، مقبول هاليپوٽو، منور هاليپوٽو جن وقت بہ وقت هن ڪتاب جي ڇپائي جي سلسلي ۾ پنهنجي قيمتي راءِ پئي ڏني آهي. خاص طور تي وفا مولا بخش قمبراڻي ۽ پير بخش ”صابر“ جي محبتن جو دل سان اعتراف ٿو ڪريان جنهن هن ڪتاب ڇپائڻ ۾ منهنجو ڀرپور ساٿ ڏنو ۽ وڏا وڙ ڪمپوزر دوست جا جنهن مواد ليٽ ٿيڻ جي باوجود ڪڏهن بہ منهن نہ گهنجايو.

آئون خاص طور ٿورائتو آهيان سنڌ جي سريلي شاعر آسي زميني ٔجو جنهن منهنجي شارٽ نوٽيس تي پنهنجو قيمتي وقت سيڙائي مهاڳ لکي ڏنو، آخر ۾ آئون پنهنجي شاعر دوست ساجد سنڌيءَ جو پڻ ٿورائتو آهيان جنهن پنهنجي اداري سمبارا پبليڪيشن طرفان منهنجو ڪتاب ڇپرائي اوهان جي هٿن تائين رسايو.

**شاهد حميد**
**ٽنڊوباگو**
**28 ڊسمبر 2016**





# مهاڳ

## آ ڏات رڳو ڏُک!

مانواري پياري شاهد حميد جو پهريون شعري مسودو ”مِرگهہ اجارا نيڻ“ منهنجي سامهون آهي، ۽ سندس سندر، من موهيندڙ توڙي جيءُ جهوريندڙ ڳِوتائون ڪجهہ ڏينهن کان مون سان روح ـ رهاڻ ۾ مصروف آهن. ڇا تہ محفل آهي! دل چاهي پئي تہ اهو مانڊاڻ متل ئي رهي ـ روح رچندين جي پُڄاڻي ئي نہ ٿئي! بيت، دوها، وايون، سُوايون، هائيڪا، پنجڪڙا، غزل، نظم، آزاد نظم، نثري نظم ۽ مرشد اياز جي جنميل صنف ڏيڍ سٽا من کي پنهنجي ٻانهن ۾ پيري، پنهنجي پنهنجي رنگ ۽ ڍنگ سان حال ڇا اوري رهيا آهن. ڄڻ معصوم فرشتن جي وچ ۾ آئون حُورن ۽ غلمانن جي ٻانهن ۾ هجان!

سپ وَس سرجڻهار جي، ٿاهي يا ڍاهي:
ماڻهوءَ وس ڇاهي؟ ماڻهو جيڪو آ مِٽي!

ها! هيءُ ڇا!؟ بيت جو پُٽڪو نہ هو. ڄڻ روح کي رُهنڊون هيون! ذهن تي ضربون هيون ـ پر گڏوگڏ اهو منهنجي پنهنجي اندر جو آواز بہ تہ هو! واقع! سچ بہ تہ سمورا سرجڻهار هڪ ئي انداز ۾ سوچين ۽ پوڳين ٿا! اها منجهن فطري هم آهنگي آهي. اِجا ان حقيقت تي ويچاريم پئي، تہ پريان ڀڳت ڪبير جو آواز آيو:

جو ڪُڇ ڪِيا سو تم ڪيا، مين ڪُڇ ڪيا ناهِين:
ڪَهو ڪَهِي جو مين ڪيا، تُم هِي ٿي مُجهہ ماهِين!
ـ مٿان وري لطيف سرڪار شاهدي ڏني:

واڳ ڏٽي! تنهنجي وَس، آءُ ڪا پاڻ وهيٽين!؟
هلايو تا هلي وڃان، ٻيهاريو تا بس - آءُ ڪا پاڻ وهيٽين!؟

اصل ۾ سمورا تخليقڪار مزاجاً ساڳي فطرت جا ڏٽي هجن ٿا. ان ڪري انهن جي رچنائن توڙي پوڳنائن ۾ هڪجهڙائي عين فطري عمل آهي. اُن ۾ زمان ۽ مڪان جي دخل اندازي فقط ماحول جي حد تائين هوندي آهي. ماحول! جيڪو فطرتاً سدا ساڳي حال ۾ نٿو رهي. ان ڪري ماحول مطابق ئي مختلف سرجڻهار پنهنجي مشاهداتي صلاحيت تحت ڪنهن حد تائين ڪالهہ ۽ اڄ جي عڪاسي قدرِ مختلف طور ڪندا آهن. باقي جيستائين تخليقي پِيڙا جو سوال آهي، تہ اُها هر حال ۾ زمان و مڪان کان ماورئ هوندي آهي، تڏهن تہ ادو شاهد حميد برحق چوي ٿو تہ:

متان سمجهو ماڻهوو! گِوتا گلن هار!
ڪائي تيز ڪٽار، آهي ڳِويءَ ڪنڌ تي!!

گِوتا واقع بہ ٻيجل جي صدا آهي، ۽ ڪوي ڏياچ جو وچن! سِر ڏيڻ سان ئي ست جُڙي ٿي! ڪيڏو اؤکو سودو آهي، ڪويءَ گِوتا وچ ۾! پوءِ بہ سرجڻهار پنهنجي فطرت پٽاندر ڪڏهن بہ ڪيٻائين نٿا! هڪ ٻي لوث ۽ حساس تخليقڪار پنهنجي ڪُڌي ڪرتوتن واري سماج اندر، سماج سُڌارڻ جي ڏِس ۾ پنهنجون تخليقي صلاحيتون ڪتب آڻيندي، جيڪي ڀهڳڻ ٻول ٻولي، ۽ راول سندو رول ادا ڪندي، موٽ ۾ جو ڪجهہ ماڻي ٿو ان تي حيرت ٿي وڃي! چيو تہ وڃي ٿو تہ "جو پوکبو سوئي لُڻبو-" پر اسان وٽ قصوئي اُبتو آهي! بقول شاهد حميد:

پٽو پوندو ڪيئن؟ توکي تن جي ڊوهہ جو!
ماڻهو مانگر جيئن، ڳُڻ ڳِڙڪائي ٿا وڃن!!

مٿين بيت اندر بيان ڪيل حقيقت جو ٿورو گهڻو تجربو





اسان مان هر ڪنهن کي اَوس هوندو. اها ڳُڻ ڳِڙڪائڻ واري حرڪت - اسان جي سماج اندر تہ جڻ ماڻهوءَ جي جبلت بڻجي چُڪي آهي! پر پوءِ بہ بقول لطيف، "جو وَڙ جُڙي جن سين، سو وَڙ سي ئي ڪن!"

هاڻ اڳتي وڏي شاهد حميد جي غزل سان مُڪاميل ٿيون ٿا:

هزار سجدا عقيدتن جا، ڪري ڏنا سين، جُهڪي ڏِنوسين:
مگر نہ هُن جو مزاج بدليو، اڪين ۾ ساڳي ڄِيي ڏمر جي!

اها ئي آهي اڄ جي انسان جي عمومي رَويي جي شاندار اُپٽار! ۽ اصل ۾ اها هڪ حساس ۽ نظر شناس شاعر جي حقيقي خوبي پڻ آهي، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اهڙي خوبي پنهنجي اندر هڪ وڏو درد پڻ رکي ٿي، جنهن کي هر تخليقڪار، پنهنجي تخليقي ڪيفيت مان گذرندي ڪيئن ٿو برداشت ڪري؟ ان جي عام ماڻهوءَ کي ڪابہ سُڌ ناهي. ڏات ڪيئن ٿي ڏنگي؟ ان جي سُڌ فقط ڏات ڏٽيءَ کي ئي آهي:

ڄاڻان ٿو آ ڏات رڳو ڏُک!
پوءِ بہ ويٺو گيت ورهايان!!

مٿيون سٽون هڪ ڏات ڏٽيءَ جي فطرت جو حقيقي اظهار آهن. فطرت کان مجبور شاعر، ڏات جا ڏُک برداشت ڪندي بہ عام کي املهہ رچنائون ارپن ڪندو رهي ٿو ۽ ان دوران ڪڏهن بہ دکن کان دل برداشتہ ٿي، ورچي نٿو ويهي. ويتر ان مان اتساهہ ماڻي، اڳي کان اڳرو ۽ وکون وتريون وڌائيندو منزل ڏانهن روان دوان رهي ٿو. اها ئي هڪ ڏات ڏٽيءَ جي سڃاڻپ آهي.

هڪ شاعر، خارجي لقائن سان گڏ داخلي وارتائن تي بہ هر وقت ويچاريندو ۽ کين اظهاريندو رهي ٿو. جيئن هيٺين سٽن کي ڏِسو تہ منجهن داخلي پيڙا سان گڏ ڪيڏو نہ اُتم آفاقي پيغام سمايل آهي!

مون مان وقت وڃي ٿو ڇڻندو:
لمحا پوڙها ٿي ويا آهن!

تيزيءَ سان گذرندڙ عمر جي ڪيڏي نہ شاندار عڪاسي آهي، ۽ جنهن کي وقت جي تيز رفتاريءَ سان گذرڻ جو احساس هوندو، اهو هروڀرو اجايو وقت نہ وڃائيندو. اهڙو شخص عمر جي هر پل جو حساب رکي ڇاڻندو ۽ ڪوشش ڪندو تہ هر گذرندڙ لمحي کي ايندڙ وقت لاءِ يادگار بڻايان. ايئين شاهد حميد پڻ هڙين شاندار تخليقن وسيلي پنهنجي جيون کي بجا طور سڦل بڻايو آهي. ايندڙ وقت ڪيس ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندو. هو پنهنجين امر تخليقن ۾ سدا حيات رهندو.

شاهد حميد پنهنجين تخليقن ۾ جديديت، توڙي ڪلاسيڪيت سان گڏ گڏ هلندي نظر اچي ٿو. هُن فني توڙي فڪري حوالي سان ان طرزِ فڪر کي نہ رڳو پنهنجو ڪيو آهي، پر ان سان نڀايو بہ خوب آهي:

مون لاءِ گهاتا وڻ،
پتائي، باهوءَ هجي -
يا هو فريدڻ!

مٿئين هائيڪو جهڙي جديد صنف سان ڄتي هو فني طور خوب نڀاءُ ڪندي نظر اچي ٿو اُتي پنهنجي ڪلاسيڪل ورثي پتائي، باهو ۽ بابا فريد جي فني توڙي فڪري سرمايي کي بہ ساڻ کڻي هلندو رهي ٿو ۽ جنهن شخص کي مذڪوره تنهي گهاتن وڻن جو ڇانورو ملي وڃي ٿو اهو پاڳوند پاڻ کي هر وقت ترو تازه پائيندو ۽ بنا ڪنهن ٿڪاوٽ جي منزل طرف تيز کان تيز تر وکن کڻڻ جي قابل هوندو. شاهد حميد جون وِکون پڻ بلاشڪ سنڌي شاعريءَ جي هر صنف ڏانهن نهايت تيزيءَ پريون نظر اچن ٿيون. اُن ڏِس ۾ مٿي ڪجھ جديد صنفن جا نمونا پيش ڪيا ويا، هاڻي اچو تہ هڪ نظر سندس وائيءَ تي وجهون. وائي، جيڪا نِج سنڌي ڪلاسيڪل صنف آهي، جنهن کي ڪافيءَ مان وائيءَ جو روپ تہ پٽ ڏٽيءَ ڏنو پر مرشد اياز فڪري توڙي فنيءَ طور ان کي جديد رنگ ۾ ڊِنگ ڏيندي، جتي





خيالن ۾ نواڻ آندي، اُتي رائج فني انداز ڇند وديا سان گڏ عروض تي بہ ڪامياب وايون لکيون. ساڳيءَ طرح شاهد حميد وٽ بہ اياز وارو انداز ملي ٿو يعني ڇند وديا کان علاوه علم عروض تي پڻ هن بهتر انداز ۾ وايون تخليق ڪيون آهن، جن ۾ خيال جي ندرت کان وٺي فني طور عروضي تجربا بہ ملن ٿا - مثال طور:

عمر پر ساڳيو ملال، روح روڙيندو رهيو آ!
(فاعلاتن فاعلات، فاعلاتن فاعلاتن!)

مٿين سِٽ هتي رڳو نموني طور پڙهندڙن اڳيان رکي وئي آهي. زيرِ نظر مجموعي اندر ان طرح جا ڪوڙ سارا عروضي بحر آهن، جن تي پاڻ ڀرپور نموني خيالن جي اڏام ڪندي نظر اچي ٿو.

شاهد حميد پنهنجي هن شعري مجموعي، "مِرگھہ اجارا نيڻ!" ۾ غزل، نظم ۽ وائيءَ کان سواءِ مرشد اياز جي متعارف ڪرايل صنف "ڏيڍ سٽو" کي بہ عروض جي مختلف بحري ارڪان اندر پيش ڪيو آهي، سو بہ نهايت ڪامياب نموني! مثال طور هيئت مختلف عروضي ارڪان تحت لکيل، سندس ڏيڍ سٽا پيش ڪجن ٿا، جن جي فني نڀاءُ توڙي فڪري بلنديءَ کي ڏسندي، يقيني طور پڙهندڙ هن لاءِ سٺي راءِ قائم ڪندا:

جي نٿا پيئن ماڻهو،
مڌ پيار جو ڪنهن کان - جڪ ٿا جيئن ماڻهو!
-
حال ۾ نہ هستي آ،
ڇا ڪجي پرين پيارا! بي وڙن جي بستي آ!
-
تاريخ عجب ڏارا!
اورنگ تہ اجهامي ويو ٿو اڄ بہ ٻَري دارا!
-

تو وقت چڏيو تاري!
وئي ايئن وَهي گذري ـ جڻ مڏ چڏيئي هاري!

مٿيان پهريان ٻه ڏيڍ سٽا الڳ وزن تي آهن، ۽ آخري ٻه الڳ وزن تي، پر نياءُ ڪمال جو آهي! اصل ٽيءِ ٽيل وزن، جنهن تي اڄڪلهہ ڏيڍ سٽا لکيا وڃن ٿا، اهي آخري ٻه آهن. يعني "مفعول مفاعيلن!"

فني توڙي فڪري حوالي سان انتهائي خوبصورت! جن تي ڳالهائڻ لاءِ وقت جي کوٽ اڳيان اچي ٿي ـ هر پڙهندڙ پاڻ پڙهي لطف اندوز ٿئي تہ بهتر!

اهڙيءَ طرح ادي شاهد حميد جي هر تخليق داد لهڻي، ۽ اختصار کان ڪم وٺندي آخر ۾ ايترو چوڻ مناسب ٿو لڳي، تہ موجوده نئين ٿهيءَ جي شاعرن ۾ زيرِ نظر شعري مجموعو "مرگهہ اجارا نيڻ!" يقينن نہ رڳو پنهنجي الڳ جاءِ والاريندو پر هميشہ لاءِ پنهنجي ڇاپ پڻ ڇڏيندو.

ـ آسي زميني
ٽنڊو قيصر،
4ـ اپريل، 2017ع






بيت



شال نہ ٿکن پنڌ ۾، منهنجون ڪوتائون،
انهن بن آئون، ڪوئي ماڻ نہ ٿو لهان.

لاهيارن جون نينگريون، پريون مٿن تي،
ميندي هٿن تي، ڇيرون ڇم ڇم واءُ ۾.

مون ۾ جڻ اسرار جون، ڳنديون کولين ٿي،
جڏهن ٻولين ٿي، مون ۾ منهنجي شاعري.

متان سمجهو ماڻهوءَ ڪوتا گلن هار!
ڪائي تيز ڪٽار، آهي ڪويءَ جي ڪنڌ تي.

ڳاڙهو پڙو ٻاهہ جيئن، ڪولهڻ سونا انگ،
*هٽندي ڪنهن کي ڏنگ، ويهي چؤنري چانٺ تي.

ڊاٻو ڪرهت اُٺ سان، موڙي ڪبڙ ڏار،
اداڙي اوٺار! ڪيڏي لُوءَ لڳي پئي!

◈

*اصل لفظ چانئٺ آهي پر ٻهراڙيءَ ۾ عام طور چانٺ ئي استعمال ٿيندو آهي ۽ هتي مون وزن جي ڪري چانٺ استعمال ڪيو آهي.






*چانڊوڪيءَ ۾ جهنگ ٿو لهڪي لَئِنَ ساڻ،
جڻ سارو ماندڻ، آهي اُپ جي شاعري.

ڏئي ٿو ڏاتار، سپ کي پري جهوليون،
ميان مگڻهار! ڪيڏا هٿ ڪنيا اٿئي!

ڪهڙي چنتا چِتَ ۾، رکي اڏاٽا؟
پکي اڏاٽا، ڪُهہ ڄاڻان ڪنهن پار ڏي!؟

*ڪٿي اهڙيون ڪيتڪيون، جهڙا هن جا ڳل!
جيءَ نہ اچي جهل، اُڏامي آڪاش ۾.

هاڻ نہ اچي جهپ، سوچي سياري رات ۾،
مُرڪي آچيئي چپ، پيج پنيءَ جو پاڪرين.

ڪيڏا ڏک ڏراڙ هنيا ڳاڙهي ڳانءِ کي!
پوءِ بہ ڪونهي راڙ آئي هن جي وات تي!

◈

*ڪيتڪي = هڪ گُل
*لَئي = جهنگ ۾ ٿيندڙ هڪ ننڍي قد جو وڻ

ايڏا وڻن ڏارڙا، ڪنهن لئہ ٺولن ٿا؟
*ڪنهن کي ٻولن ٿا، هيءَ سُوٽاڙيا سُڄ ۾؟

هيءَ جو جهنگ ڪڪڙ، آيو تنهنجي اوهہ ۾،
تنهن کي ائين نہ تڙ، سانجهيءَ ويلي سيءَ ۾.

ڪويل ڪوڪي انب تي، ساروڻ سَوَ ڏيئي،
۽ اڏري ويئي، ڪُهہ ڄاڻان ڪنهن پار ڏي؟

توکي ٻاراڻا، ڪُهہ ڄاڻان ڪنهن ٻالهہ جا؟
*ملان موراڻا، پُڇ وڃي ڪنهن پار تي!

*مُنڍ ڪڍيا ائين رنگ، جيئن ساونڻ ۾ ڏانگڙو،
شال انهي جي سنگ، گهاريان بہ ٽي ڏينهڙا.

◈

*سوٽاڙيو= ڪاٺ ڪُتو
*جهنگ ڪڪڙ= هڪ پکي جيڪو اڪثر ڪري زمين تي هلندو رهندو آهي.
*ڏانگڙو= ٽر ۾ انڊلٺ کي چوندا آهن.
*ملان موراڻا= ٻهراڙيءَ جا ماڻهو تعويذ ڦيٽو ڪرڻ وارن لاءِ اهو اصطلاح ڪم آڻيندا آهن.





*چوٽو چڪين پنڌ ۾، ڪاموريءَ جا ڪن؟!
ڏس تہ پپر پن، ڪيڏا ڪريا واٽ تي!

*ڏس تہ ڪنڊيءَ لام تي، ٻانڊيئڙي جي ٻار،
چڻ سارو سنسار، آهي هن جي لوڏ ۾!

لتا جيئن چتا، چوڙي چڏيا واءُ ۾،
ڪيئي رنگ رتا، پوپٽ آهن پنڌ ۾.

ڪڏهن لڙي آءُ، سارا سانگ ڦٽا ڪري،
رُکي سُکي کاءُ، ويهي مون سان مانڙي.

هر ڪنهن لوڏيا هٿ، توکي ائين ويندو ڏسي،
منهنجو سارو سٽ، تنهنجي لاءِ روئندو رهيو.

پيس بوند پلاند تي، پڳي لانديءَ ڏانهن،
ڪانڊ ورائي ٻانهن، پريو هن کي پاڪرين.

◈

*ٻانڊيئڙو= هڪ پکي جيڪو وڻن ۾ ٻگها آکيرا ٺاهيندو آهي.
*ڪاموري= ٻڪريءَ جو قسم

سونيون مچيون جهول ۾، ڪاري مهاٽي،
❊ڪيڏا جهنگ پاٽي، ڏٺا هن جي چاڪڙي.

اڄ تہ وسندو مينهڙو، مون ائين پانئيو آهي،
چمر چانئيو آهي، آرهڙ جي آڪاش ۾.

تون جا منهنجي پاڪرين، آئين پنيءَ ساڻ،
گلابن سان هاڻ، مهڪي ٿو منهنجو هينئون.

اڇٽي آهين جي، اڄ اڄ مون وٽ مينهن ۾،
موهيو آ مون کي، سانوڻ اوهيرا ڪري.

❊ور ور اُتر واءُ ۾، ڪٽچيءَ ڪنپ لُڏن،
❊ڪامون پن ڪُڏن، تن سان ريجهي راندڙيون.

اڳڻ ڪيئي ٻيچ، وک وک ناريون موهٽيون،
تون چا ٻاٽين هيچ، لاڏا منهنجي لوءِ جا؟!

◈

❊چاڪڙي= ڪاٺ جي جُتي
❊ ڪٽچي= هڪ ڪاري رنگ جو پکي
❊ ڪامون= هڪ وڻ جنهن ۾ ڪارا ناسي پيرون ٿيندا آهن.





ڏات نہ آهي ڏک، جيئن تو سوچيو وائڙا!
مون تہ سپئي سُک، گهوريا هڪڙي گيت تان.

هُن جيئن ڦيري ڇپ، ڦڙي جهٽي چپ تان،
❊مُرڪي پيو نپ، وڄ سان ڪڪر ڪنڌ ۾.

ڪُهہ ٻاٽان ڪنهن ويل، وڄ وراڪا ٿي وئي؟
هيءَ جا ڦٽ اُڪيل، تنهنجي پهرئين پيار جي.

راتوڪا سپ سانگ، هُيا هڪڙي ڪنوار لئہ،
هاٽي ڪيڏا ڪانگ، اُڏرن شاديءَ پت تي!

ماٺ ٻُري آ موت کان، تو ڪيئن پوريا چپ؟
❊هونئن بہ ايڏي جهپ، چگّي ناهي چاهہ لئہ.

مون کي تنهنجي سار، اڄڪلهہ ايئن ولوڙيو،
ٿهہ ٿهہ ٿُنا ٿار، جيئن ڪالهوڪي مينهن ۾.

◈

❊نپ= آسمان
❊جهپ= ننڊ

*منهنجا ڦٽ فراق! چڪيا پَلُرَ پيءَ ڪري،
ڪيو آهي مذاق، مون سان هيل ٻہ مينهڙي!

پيرن هيٺان ڏرتتي، منزل ڏاڍي ڏور،
*مون سان گڏ منظور، آهي ڪوتا ـــ پنڌ ۾.

سرجڻهار غريب، ڏسي ٻنان ڏوهہ پي،
*ڪيڏا هٿ حبيب! مون تي لوڪ کڻي ڪنيا!

واهڻ، ڪاڙهو چيٽ جو چوري پيرونءَ پاٿ،
وسري مون کي واٿ، الئہ ڪٿي پنڌ هو؟!

توکي ڪائي سُڌ آ، او نيرا آڪاش!
ماٺهن ڪيڏا لاش، پوريا تنهنجي ڇانوَ ۾.

گهُوري هن کي رات جو چنڊ جهلي چؤسُول،
ڇئو ڪو اهڙو قول، ڏنو آ تو ڏيهہ ۾؟
◈

*فراق= شاعر دوست فراق هاليپوٽو
*منظور= شاعر دوست منظور سمون
*حبيب = حبيب ملاح منهنجو شاعر دوست





ائين اُڏري سانجهہ جو انبن تان طوطا،
هوا ۾ غوطا، ڇو ٿا ڪائن چرڪجي!؟

*ڪڳا، ٽيريون، پوپريون، مُنڊيون، سينگاريون،
مهاڻيءَ ساريون، ڇا ڇا ٻڌي ٻُڪ ۾!

لٿو هو جو ڪالهہ، اُپريو ساڳيو آهي ميان!
ڇئو ٿا نئون سال، آيو آهي ڏيهہ ۾؟!

مينهن ڪري جي پيهہ، پاڻياريءَ جي واٽ تي،
آئون ڪنهن هنڌ بيهہ، چولي چٽ ڳڻي وٺان.

ويٺا آهن ڏار، ولر ڪان ٻي ٿار تي،
*چئو سي وهيا چار، ماري سگهندين نينگرا!

اُڏري ويندا ڇوڪري، ڳالهين جا ڳيرا،
لهجي ۾ ڇيرا، تو جي آندا اوچتو!
◈

*مچين جا قسم
*وهيو= هڪ پکي

چوڪر ! هيءَ گُليل، هاڻ نہ ماريندي وهيو،
ڪائي ڪائي ويل، هوندي آهي پاڳ جي!

متي هاٺا پيرڙا، ٻيٺاريءَ تي ٻگهہ،
اهڙي ڪهڙي سگهہ، ٻوڙي مڇيءَ پوئٺان؟!

ڄاريون ڪاريون اُس ۾، ڪيڏا تتا ڏينهن!
پرجي گرجي مينهن، ڪُهہ ڄاٺان وسندا ڪڏهن؟

ڪنڊا، سُڪل ٻيريون، ڪڪا پن، نمون،
ڳالهيون پن چڻ جون، وٺن اوريون واءُ سان.

*سانجهيءَ ويلي سوجهرا، جاڙيءَ مٿان شام،
اهڙي ڪهڙي مام؟ جا مون سمجهي ڪونہ آ!

سانجهي ڳاڙهي رنگ ۾، جهلڪي ٿي جاڙي،
چڻ ڪائي ساڙهي، مُنڊ اُچلي مانداڻ تي.

◈

*جاڙي= منهنجي ڳوٺ ۾ هڪ ڍنڍ





*اجهو اڏريا ڄاڻ، ڪانئيرا ڪنهن ڪُنڊ تان،
جاڙي! تو وٽ هاڻ، آڙيون اڳ وانگي ڪٿي؟!

ڏمريو سورج ڏيهہ تي، سارو اُپ اُماڻ،
ان ڪان وڌ ٻي جاڙ ڪهڙي ٿيندي لوڪ سان؟!

ڇا ٿا ڏسين سيج تي، هاڻي ڦڪا ڦُل؟
ڪيئي هنگاما هُل، ٻهہ ٻهہ رات سُهاڳ جي.

ڪوئي ڊپ نہ ڊاءُ، هاڻي پٿر ـــ پنڌ جو،
مونکي منهنجي ماءُ، ڏونگر آڇيا ڏيج ۾.

ڏرتي! تنهنجي جهول ۾، هيءَ جو گُل ڪريو،
ڪڏهن ڪونہ ڦريو ان جو رُخ طوفان ۾.

ڪاڏيءَ هيٺان ٻانهن ڏئي، سوچي ٿي ويٺي،
ڇريي شاعر ڪي، مون ڇو ڏنيون محبتون.

◈

*ڪانئيرو= ڍنڍ جو هڪ ڪاري رنگ جو پکي

تنهن کي ساھہ سمائيان، ڳچيءَ ڳر لائي،
جنهن کي مون چاهي، پوڳيو ساري زندگي.

ڪٿي آهين تون؟ ڪيڏي مون کي اُڃ آ!
پُليون گھڙي گھير تي، ڪيئي وار اکيون،
سپ تڙ ڍونڍيا مون، پاٽياري! تو پوئتان.

هُوءَ جا ڪِل ۾ ويڙهجي، ٻري ڏي جو تون،
تنهن تان واريا مون، ڪيئي ڏياري ڏيئڙا.

ايڏي اُتر واءُ ۾، ڪٿي ويندين تون؟
دکي ٿيندين تون، هيڪل پسي پاڻ کي!

اڳ نہ اهڙي پيھہ، مون تي ڪويتا ڪئي،
واٽون ٿاهي ويھہ، آيون سٿون اُپ مان.

بوندون آٽين تون، چانئي ڪکر ڪارڙا،
او شل ڄاڻين تون، مٿي منهنجي اُڃ کي.

◈



مرگھہ اُجارا نيڻ

سوچي روڪيان پير، آئون ائين پنڌ ۾،
تو جيئڻ هوندو ڪير؟ هاڻي مون لئہ ڳوٺ ۾؟

ناري آري رُڪ جي، ان وٺ ڪيئي وڍ،
ويندي ان جي ڪڍ، چوٿو سارين ڏيل کي.

*جنهن ۾ منهنجي ذات ٿي، ڪُوٽيءَ گُل تري،
او شل وير وري، اهڙي تنهنجي ياد جي.

توڙي هن جون نہ هيون، تو وٽ ڪي سارون،
ايڏيون اوچنگارون، پوءِ ڪيئن هن جي موت تي؟

سپ وس سرجڻهار جي، ٿاهي يا ڍاهي،
ماڻهوءَ وس چاهي؟ ماڻهو جيڪو آ مٿي!

پيرو پيچ تہ ڪنهن گهڙي، چُڪي گڏ پيئون،
ڪيئي سال جيئون، هڪڙي گهڙيءَ ۾ وري.

◈

*ڪوٽي= ڪنول جو گل

*ميان! ڪڏهن تو ڏٺيون، ٻُوهل ۾ ٻيريون؟!
۽ تنهن ۾ ڦيريون، ٻهراڙيءَ جا ٻارڙا !

هيءَ جو ڏنگهري ٻير جي، ڦاڙي ڇڏيو هاڻ،
ويچاري پهراڻ، ڏوتو ڪيڏي موهہ مان.

تو سان پيچ پريت جا، ٽُٽي نہ ٽُٽندا،
ڦٽي پيا ڦُٽندا، هر هر ٽانگر ٽار جيئن.

*ملاح، ٻيڙي ڏونڊڙي، سچ لٽي سانا،
جيئڻ جي معنيٰ، لٽو اجهو مانڙي.

پکين ڪرڳل واءُ ۾، “اڙي الاڙي!”،
جڏهن ڪهاڙي، ڪپيو ڪٻڙ ڏار ڪي.

امڙ! منهنجي جندڙي، ڪيڏا ڏکن ڏار،
چوين ٿي ٻيهار، وري موٽان ماڳ تي.

◈

*ٻُوهل= سنهون تيز مينهن
*ڏونڊي ٻيڙي= ٻيڙيءَ جو قسم





لُڏي پئي لام، اڄ ٻہ تو لئہ واءُ ۾،
اچي ڪر وسرام، پکيئڙا پرڏيهہ جا!

پکيئڙا پرڏيهہ جا، لامي وسرامي،
ويندا اُڏامي، ڏينهن ٿاري ڪنهن ڏيهہ تي.

*سامي! هيءَ سنسار، ناهي مايا ڪوڙڪي،
اهڙو سندر ڄار، ٻيهر ملندئي ڪينڪي!

اکڙيون جن جي ديد لئہ، ٻريون ٿي سامي،
ويا وسامي، هاڻي اهڙا ڏيئڙا.

ڪيڏيون ڪڙيون ڪيتڪيون، واڙيءَ ڦل تہ ڏس!
ٽن ٽي هُل تہ ڏس، پوئنرا ڪيڏا ٻانورا!

◈

*سامي= سنڌي ٻوليءَ جو وڏو شاعر

ڪيڏا بيت بسنت ۾، تولئہ سرجيا مون،
او شل تن کي تون، پڙهي مونکي ساريئين.

آيا اُپري رات جو سُپني جهڙا چپ،
*هاٺي کهڙي جهپ، هاٺي ڪٿ مان هيڪلو؟!

ڏاها! منهنجي ڏيهہ جا، تون ڇو ايئن اٽڃاڻ؟
سنڌ گهري ٿي سوجهرو ۽ تون اوندهہ ساڻ!
ڪڏهن منهنجي پاڻ، ڦُٽندي باک بسنت جي؟

ڇورائي ويو ننڊڙي، چنڊ هُيو يا چور،
پوئين رات چڪور، سوچي سُڏڪيو ماٺ ۾.

ان کي ڏسي ڇو؟ اُڏريا هنج تلاءُ مان!
نيگر لاٿو جو چولو پنهنجي چٽ تان!

◈

* جهپ = ننڊ





*ناهي ڏيا ڏيل ۾، هينئڙو هرڻ جيئن،
سنيالينڊو ڪيئن، وچڙي ايڏا ڏُڪڙا؟!

هيءَ جو ڀرڪي ڊپ تي، ڪريو پکيئڙو،
ان جو اوسيئڙو ڪري ڪائي ڳُوڪ ٿي.

ڏاها! انهي سوال جو هوندَوَ اُتر ڪو؟!
ماٺهو ماٺهوءَ ڇو جلائي ٿو جهوپڙي؟

ڪريان مٿ نہ ڪنهن بہ پر، انهيءَ جي گلاب،
پيچي جا حجاب، جهوليءَ منجهہ جهُلي پئي.

آيل! ڏاڍا ڏينهن ٿيا، ڏٺي سي ڏيهي،
پرانهان پيهي، ويا جن جا سڏڙا!

◈

* ڏيل = بدن

ان کي ايئن نہ ٿار، منگتو جيڪو ماٺ ۾،
ڀِڪي ٻانهون وار، ان تان پنهنجي ٻاجهہ جون.

*ڪيڏيون تکيون پنڌ ۾، ٻرانگهون ٻيئي،
“ويئي ڙي ويئي”، وينگس تنهنجي وس مان.

هيءَ جي اَسُر ويل جو، تتر ٻولِن ٿا،
چتر ڪولِن ٿا، ڪهڙي سرجڻهار جو؟

امڙ اگهي ڪٽ تي، پرسان ٻُڪيا پار،
ڪهڙو چترڪار، آهي هن تصوير جو؟

*ڪانگ پيري ڪالهہ کان، جنهن لاءِ پيو واٽين،
ڇا تون سڄاڻين، ان کي آد جڳاد کان؟

◈

* ٻرانگهون = وِکون
* ڪانگ پيري = ڪٽ جو قسم





ميان! ٻُنيي ٻاهران، ايڏي سڏو سڏ!
ٿوري دير تہ ڇڏ، پرين پرچائي وٺان.

ڏنگيل ڪجي ڇهنب ۾، ڇتون ٿاريءَ تي،
ڳهُوري ٿو ڇا کي، پرانهين پولار ۾؟

*رُهي واري مينهن، گهر ۾ سپ سوڙها ڪيا،
هاڻي نڪرن ڪيئن، ڪمري منجهان ٻارڙا؟

هيءَ سُهاڳڻ ڪير؟ وڃون جنهن جي ون ۾!
پاٽيءَ وڏئين پير، گونجيا گيت تلاءُ ۾.

اڃي پيو آواز، ڪتان مُگرمانَ جو،
ٻيو ڪو ايئن ساز، وڄندو ناهي واءُ ۾.

◈

* رُهي وارو مينهن = اهو مينهن جيڪو ٻنان وقفي وسندو رهي.

وسي اُڪاٽا، ڪڪر ڪارونيار جا،
ساهہ ٿيا ساٽا، ساري ڪنهن جي سانت ڪي.

ڪنڌيءَ ڏار لڳن، ٻاجهارين ٻانهن جيان،
پکي جيئن اچن، تن سان پون ٻاڪرين.

ڪيڏا ڪونجن گس، هن نيري آڪاش ۾!
ڪيڏا بادل ڪس، ڪامڻ ڳتيءَ ڏينهڙا.

نہ ڪو ڏيئو ڏيهہ ۾، چوڏس اُپ ڪارو،
چنڊ نہ ڪو چارو، مون سان تنهنجي پنڌ ۾.

ٻِٽ مٺي هي پيلٽيون، ڇهڪي ڇڪر ڏين،
ڪِنپيون ٿيون ڳولين، ڳالهيون ڪندي ڳُجهہ جون.

◈





امڙ ڇا تان ڪاوڙي؟ دڙي ٿي دڙڪا،
ڪيڏا ڏس ڪڙڪا! اوڙو پاڙو ماٺ ۾.

ڳيي ڳولا ۾، سارو ڏينهن اُداس،
رکي مانيءَ آس، سمهي رهيا ٻارڙا.

جڻ ڪو داٽو ان، ننڍڙي ڪکري روڊ جي،
پوري اک پل ڪن، نينگر ڏٺو خواب ۾.

اجان ڪهڙا آئينا، ڏيکاريندين تون،
ڳالهيون ڪلهہ تنهنجون، مونکي ماٺ ڏئي ويون.

ڇوڪرا! ڇڪي انب جي، لوڏ نہ ايئن ٿاري،
*متان مالهاري اويرو اڏري وڃي.

◈

* مالهاري = هڪ پکي

ايئن نہ تن کي ٿيڙ، ڪڙو هٽي ڪيت مان،
مالهارين جو ميڙ، آيو جيڪو ان تي.

اڄ تائين تنهن کي، پون وڍ وجود ۾،
ٻسايئي جنهنکي، آريءَ جهڙا انگڙا.

هر پل ٿڏو هانوَ هن جي نيڻ نهار سان،
ساري گهر لئہ چانوَ هڪڙي نار ننڍاڪڙي.

هيءَ جو پيو واٽ تي، جهنگ ڪکڙ وڙکي،
ڪاريهر ڪڙکي، شال نہ ان جي ڪنڌ تي.

ناهي چلر چٽ، هيءَ ناري جي نينگري،
ڪلندي جنهن جي ڪٽ، ان جو ويڙهو واسبو.

◈





ميان! ايڏي ماٺ! توکي ڇو ويڙهي وئي؟
ڇا تو ڏٺي ڏاٺ، آهي ملڪ الموت جي!

ڏاڍا ڏنگا ڏار، ڪارو ڪبڙ واٽ تي،
لنگهي جيڪا نار، ڇُمن ان جي ڇڳ کي.

ريتي ساري رت، پکي ڪريو پٽ تي،
پڌري ٿي پئي پت، آدم جي اولاد جي.

سڪي ٻڪي ٻڪ ۾، مٿان جهُڙ ڇانئيو
ڪوڙ مٿان ڇانئيو هن مايا جي موهہ کي.

سڪي ٻڪي ٻڪ ۾، سونا سانوڻ ڏينهن،
چمڪن چانديءَ جيئن، رُسامي جون راتڙيون.

◈

سڪي ٻڪي ٻڪ ۾، هيرون هٻڪارون،
ٿوري دوري ديد جي، ميهڻا ميارون،
سارون، پچارون، جڳ مڳ جوپن ڏينهڙا.

سڪي ٻڪي ٻڪ ۾، ڪڪر ڪارونپار،
*ڪائي ڪيڏا خار، وڄ وري وئي اُب ۾!

سڪي ٻڪي ٻڪ ۾، چاتي وِڪريا وار،
ڪيڏا ٿانگر ٿار، مهڪيا منهنجي من ۾!

ڪنهن ڪان هاڻ پڇان، ڪوبہ تہ ڏَسي ڪو نہ ٿو
چميون چپن تان، ڪُهہ ڇاٽان ڪاڏي ويون!؟

ناهن پيارا جُوءَ ۾، توڪان وڌ رابيل،
تون جيڪا مس هيل، نسري آهين نينگري.

◈

* اُب= مينهن جا ڪڪر



مرگهه اُجارا نيڻ

تڙ سارو ويران، پاڻياريون ڪاڏي ويون؟
سانجهيءَ سڄ حيران، بيٺو سوچي ماٿ ۾.

شال نہ ڪري ٻولڙيون، پرين پرايون،
سدائين سايون، جنهن سان ڪوتا ٿارڙيون.

سدا تنهنجي سونهن ڪي، منهنجي ڪوتا واڙ،
ڪري نہ جيئن جاڙ سمئہ ساڙولو ڪڏهن.

ان جا سپنا ٿاڪئان، ان جي ڪڍ نہ لڳ،
نينگر جيڪا ڏڳ، وٺيو ويجي وڄ جان.

ان جا سپنا ٿاڪئان، ان جي ڪڍ نہ وڄ،
ڪائي ڳالهہ تہ مڃ، ڏُکي ٿينديِن هينئڙا.

◈

ان جا سپنا ٽاڪئان، ان جي ڪڏ نہ پئو
پانءِ ڪجهہ تہ پئو ناري آري رُڪَ جي.

ان سان ڪهڙو فرق پيو اڄ ويو يا ڪالهہ،
آهي اصل ڳالهہ، ماڻهو تنهنجي انت جي.

نہ ٿي چو ساريئہ، سي اڄ سانوڻ مينهن ۾،
گهڙيون جي گهاريئہ، مون سان منهنجي مورٽي!

ڀنا جڏهن مينهن ۾، تنهنجا ڀنيا وار،
ڪيڏو تو تي پيار، آيو منهنجي مورٽي!

هر هر اکيون آگميون، ڇا ڇا مينهن ڏنئي!
ڇا ڇا ڏينهن ڏنئي، مونکي منهنجي مورٽي!

◈



مرگهه اُجارا نيڻ

ڪيڏو نہ ٻرجي، برسيو آهي مينهڙو،
جنهن ۾ ٻانورجي، پڪ پُسايا مورٽين.

اڏيان جڏهن اوڏڙو، پڪو پرينءَ ساڻ،
ساوڻ تڏهن آڻ، ڪيئي بادل مينهن جا.

سمجهين ٿو ايئن وقت جون، گهڙيون ٿيون گذرن،
ليڪن پيا اُڏرن، پل پاريهر وانگيان.

ڪيڏو آهي انبوهہ، ڪيڏي ڀيڙ بزار ۾،
ليڪن سڀ سان ڊوهہ، سارا اجل اک ۾.

مونکي ايئن نہ ڏي، منهڙو موڙي ميهڻا!
سارو لوڪ چڙي، ڳاتم تنهنجون ڳالهڙيون.

◈

ساري تنهنجون ڳالهڙيون، ديد وڌم در ۾،
اج جو اتر ۾، ڏنم ڪکر مينهن جا.

آءُ ڪڏهن تون مينهن جيئن، اکيون اُڃ لاهين،
رڳو ٿيون ٿاهين، خالي ڪکر آس جا.

تارا تارا راتڙي، چنڊ تہ ڪنهن ٻي جاءِ،
ڪوئي ڪيئن ٻڌاءِ، هوندو ڪنهن جي هنج ۾.

جوين پريل ٿانو جيئن، هاري نہ ڇڏجانءِ،
ڳولي ڪوٿر ٿانءِ، پيئجان وٿيون مڏ جون.

ساري سڪيءَ ساٿ اڃ، ڇُلي ٿي ڇاتي،
ڪڏهن جنهن پاتي، مُرڪي ڳل ڳراٽڙي.

◈





آيا هري هانوَ تي، ميينديءَ رتا هٿ،
ٻهہ ٻهہ سوني نٿ، ڇڻ ڇڻ چوڙا ٻانهن ۾.

روڪ نہ سکيءَ راهہ، ڇڏ تہ گڏجي ميت سان،
متان ڪائي آهہ، ڊاهي تنهنجي ڊوهہ کي.

ايئن نہ آڏيءَ رُل، ڇارا پيٽي چنڊ سان،
ڇاتي لڳي ڇُل، سارا ڳُجهہ پرينءَ سان.

ڇپن ٿڏا ساهہ، هر هر اکين مينهن،
امڙ! مونکي نينهن، ڪيڏا ڏولاوا ڏنا.

آهي هاڻي ياد ۾، رڳو مٽيءَ مر،
*ڪنهن جي ٻُنيءَ پر، مون ٿي سوچيو ماٺ ۾.

◈

* ٻُنيءَ _ قبر.

موهيو سارو منڊ، ان جي صورت سانوري،
چِڪَ هٽائي چنڊ، جنهن ٿي ڏٺو اُڀ ۾.

وارو وار وجود تي، جندڙي تنهنجا ڏڪ،
پوءِ بہ ڪونهي ڪڪ، اڳي وانگر آدمي.

ناهي ماٺ مجاز، ڇُڻ پُڻ ڪيڏي ڇِت ۾!
هُري آيو هانوَ تي، ڪڪوريل آواز،
سڪي! ڪيڏا ساز، سُرڻ لڳا ساهہ ۾.

ڪڙ تي بيٺل ڪولھٽيون، ٻارو ٻنيءَ جو،
سورج ڪنيءَ جو ڄڻ ڪو پهريون ترورو.

تون جيڪا رابيل جيئن، تو مان گُل پٽيان،
ءِ پوءِ سپ ڪٽيان، راتيون تن جي واس ۾.

◈



مرگھہ اُجارا نيڻ

هيءَ جا عورت پنڌ ۾، ڇاتيون ماسيريون،
ڪينجهر ۾ ٿيريون، ڪيڏا ٿپا بود ۾!

پٽو پوندو ڪيئن، توڪي تن جي ڊوهہ جو؟
ماڻهو مانگر جيئن، ڳُڻ ڳِڙڪائي ٿا وڄن!

*ڪوئي نہ هن کي پئو، آهي ڏوئل ذات جو،
*سيڱاري کي سئو، آهن گس تلاءُ ۾!

مُور نہ ڪوئي مٺ، پل انهي جو پانڌيا!
پرين سوري ڪٺ، آيو جڏهن اوڏڙو.

آيو جُهڙ جهمي، جڏهن سانوڻ مينهن جو،
پيا نيڻ ٿمي، ساري تنهنجون ڳالهڙيون.

◈

* ڏوئل _ هڪ پکي
* سيڱاري _ هڪ مڇي.

ساڳيا ڏوتل مينهن ۾، تنهنجا ڳل هئا!
*حُسي! پُسيءَ جا، گُل ڏٺا تو ماڪ ۾.

ڪوڏر، گنجي، گوڏ، ديهي ساري ڏوڙ ۾،
ڪاتي آڙي اوڏ، ويٺا آهن واٽ تي.

*ٻاهر ڪيڏو سيانڊڙو، جهُڳيءَ اندر ڪير؟
سيڪي ويٺو پير، پنهنجا ڳاڙهي مچ تي!

*اجان ڪٺي جندڙي، آهو پلي ٺي؟
اجان هلي ٺي، ڪچهري اوطاق تي.

گهر ۾ ٻڳيچ وهانوَ جا، در تي ڊُهلاري،
امڙ! اج واري، آهي تنهنجي نرت جي.

◈

*حُسي= ڪويءَ جي ڪلاس فيلو، جنهن کيس شاعري لاءِ اُتساهيو.
*سيانڊڙو= چيندڙ سيءَ
* آهو پلڻ= هٿ ڪٽي چڏڻ، ٽڪجي پوڻ





هاڻي سي الائي، هوندا ڪهڙي ماڳ تي؟
چڪي چاتيءَ لائي، جنين ڏوراپا ڏنا.

هوا ٻانهن_هار، توڙي ڦهلايا گهڻا،
لوڏي ليارن ڏار، وهيا اُڏري ويا هليا.

ڪپجي ويندي جڙ، چا ايئن هستيءَ _ وڻ جي؟
وسرندا سپ وڙ، جيڪي تو مون سان ڪيا؟

هاڻ تہ ساوڻ مينهڙا، بادل بس نہ ڪن،
ساري رات وسن، اکڙيون اوهيرا ڪري.

چا ساوڻ جي منڊ ۾، جڏهن جهُڙ ٿيندا،
مونکي سڏيندا، ڪوٺي ڪڪر چانوَ ۾؟

◈

*جيئن ئي وهائُو اُڀري ٿو آڪاش ۾،
لڏا لاڏائو ڪڻن ٿا ٻئي ماڳ ڏانهن.

*لُچي ڪُچي ڪينڪي، ڪُنڍي مُنڍي وات،
ڪيڏي چپ چپات، سامهون موت ڏسي ڪري!

ڪيڏا ٿاهيئي ڇوڪري، مٿيءَ منجهان ٿانوَ
پر تو منهنجو هانوَ ڪڏهن جوڙيو ڪينڪي!

* آهُو جيئن اکيون، تنهنجون هيون ڪامڻي!
ساري رات ٻَڪيون، سارون آرهڙ سج جيئن.

وڍ ٻہ ايڏا وڍ، ويڃن پٽيون نہ ڪيون،
اسان تنهنجي ڪڍ، ڇا ڇا سَنو سانوري!

◈

*وهائو_ اهو تارو جيڪو صبح ٿيڻ کان پهرين اُڀرندو آهي
* مُنڊي_ مڇي
* آهُو_ هرڻ





ايڏا ياڪر موهہ مان، ڪنهن کي پاتئي نار؟
جو هيءَ ويڙهيل وار، هاڻي اُڏرن واءَ ۾.

جهولي ڪٽي پٽ کي، ٿهہ ٿهہ تڙي ٿي،
ڪيڏو ڪڙي ٿي، ناري پونم چنڊ جيئن!

* آهي ڦاٿو آدمي، پرڪرتيءَ ۾ ڄڻ،
ڪيڏا هرڻ ڏڻ، آجا گهُمن جهنگ ۾.

جتي اَسُر ويل ٿي، ماڪ ڏُئاري مُک،
ڇڏي سارا سُک، اتي اڏجي ڳوٺڙو.

* کنپ ڪنڊيري واءُ ۾، ڪينگر ڪنڍيءَ تي،
گهوري مڇيءَ کي، سانجهي وير تلاءُ ۾.

وڏي ويرو تار، سارا انگ عُشاق جا،
آ ڪنهن ڪنهن جي سار، تِڪي ڪاتيءَ وانگيان.

ڪهڙي ڪهاڻي، ان سان وابستہ هئي؟
راڄوخاناڻي، ڇو ٿو هُري هانوَ ۾!

◈

* پرڪرتي= ڪائنات
* ڪينگر_ هڪ پکي (King Fisher) جيڪو هوا ۾ غوطو لڳائي مڇي پڪڙيندو آهي.

## غزل







لهي ٿو سورج وڻن جي پويان، گهُلي ٿي دڳ تي هوا اُتر جي،
سکي! الاءِ ڪڏهن تون ايندين؟ کُندي مون کولي رکي آ در جي.

جنم_جليءَ جا سُپن گلابي! هن مُند کهڙو ڍاڳ آندو؟
نہ نيڻ ساڳيا نہ ننڊ ساڳي، ڇو ديد بنجي وئي پٿر جي!

هزار سجدا عقيدتن جا، ڪري ڏٺا سين، جهڪي ڏٺو سين،
مگر نہ هن جو مزاج بدليو، اکين ۾ ساڳي ڇيي ڏمر جي.

ڪٿي آن سنبري نفيس نينگر! جو واٽ ڦلڙيون وئي آ ٻڻجي؟
گهٽي گهٽيءَ ۾ ٻکي ٿو سانوڻ، قدم قدم تي ڪنوڻ نظر جي.

بدن سکيءَ جو نسوري ڪوتا، ڪوي ڏٺو آ لچي رهيو آ،
نظر نظر تي سوال سرجي، پڇي پئي اک بشر بشر جي.

حَسِين يادن جا مِينهن ڪٽي اچ، هجر جي ڪاڙهن ڇٽي ڇڏيو آ،
هزار سپنا اکين ۾ پوئي، اسان ڏٺي ڪُنڊ ڪکر ڪکر جي.

گلاب جهوميا، نچن ٿا پوپٽ، قدم رکيا هُن، ٽڙي ٿو مالهي،
نماڻي نينگر هزار جلوا، ڪلي پئي اک شجر شجر جي.

◈

سڏي پئي سونهن ڪا مونکي، وڃن ٿيون سارنگيون مون ۾،
ملڻ جا خيال سڀ ڪتڙا، ڦُٽيون ڇڻ نارنگيون مون ۾،

ڇڇڻ جو ڇيڇ ڪو ٻائي، جهرئين چو جهوڪ وانگي تون،
ڳچي ۾ ٻانهڙيون ٻيئي، ورائي تو ونگيون مون ۾،

ڪبڙ جي مڪ ماڪيل تي، مڪڙ ڪنهن مام جيئن ويٺل،
رتون سڀ لاڙجون رنگريز وانگر ڪنهن رنگيون مون ۾،

پراڻي پڊ تان ٻيهي، پکين سان ڳوٺ ڳالهايو،
وساري ڪير وئي آهي، سڳيون، والا، ڪنگيون مون ۾،

رليءَ جي رنگ ۾ ويڙهي، ميارون هن مُڪيون آهن،
*ڪَني وانگر ڪُپايون تو، نهارون چو ننگيون مون ۾،

◈

*ڪَنُو= تلوار





سکيءَ جو بدن جو هٿن ۾ هيو،
سمورو گگن ڇڻ هٿن ۾ هيو

ڪلي گهر مان نڪتي الهڙ نينگري،
مسافر سندو من هٿن ۾ هيو

وئي تيز آنڌي سڄو وڻ ڪٽي،
پکيءَ جي رڳو پن هٿن ۾ هيو

الائي ته ڪنهن لئه تياڳي ڇڏيئين،
ڇريءَ جي جوڀن هٿن ۾ هيو

ٿريو ڏيهه ساوڻ ۾ سارو مگر،
اسان جي تتل تن هٿن ۾ هيو

◈

تنهنجي سار ۾ اڄ بہ آليون اکيون،
سڄي جڳ کان نڪتيون نراليون اکيون

تنهنجي صاف مُک تان ٽڙيون، ٽي ڪريون،
الئہ ڪيئن مون هن سنڀاليون اکيون

وري دل جي ٽر ڪي، وسائي ويون،
سدا يار تنهنجون جهڙاليون اکيون

پرين! او پرين! شال جُڳ جُڳ جيئين
الئہ ڪيئن تو اهڙيون پاليون اکيون

پرينءَ کي بہ "شاهد" ڏني ڏينهن ٽيا،
تڏهن ئي تہ تنهنجون اڀاليون اکيون

◈





پيار جي احساس جهڙي ڇوڪري،
مڌ جهڙي پياس جهڙي ڇوڪري

مهڪ جيئن واسي وئي منهنجو وجود،
هُوءَ گُلن جي واس جهڙي ڇوڪري

هن جي آئي گهر ٽي ويو روشنيون،
چڻ تہ پورنماس جهڙي ڇوڪري

نا اميدي جهڙي ڪاري ٻاٽ ۾،
ڏينهن جي وشواس جهڙي ڇوڪري

سرد سوچون، موت جهڙي ماٺ ۾،
زندگيءَ جي آس جهڙي ڇوڪري

◈

ڀنيرڪي جو ٻڪجي ٻڪن ۾ لُڏي
اُها ڪير هئي؟ جا هٿن ۾ لڏي!

تنهنجا پير چانئٺ نہ اُڪري سگهيا،
بتي رات ساري ڪکن ۾ لڏي

پري تائين تنهنجو نہ پيرو هيو،
مگر ديد ڪيڏو ڏڳن ۾ لڏي

ڪنايو مڙي تو نہ ڪنهن موڙ تي،
صدا دور تائين چپن ۾ لڏي

◈





چا چا هوندا رنگ مصور! ست رنگي تنهن منظر جا،
پايل جي آواز تي ٿي ويا، نيڻ پرولييون شاعر جا

سج لٿي جو لڪ اڪيلو، واءُ گهُلي ٿو واريءَ تي،
پٿر نيڻ، پِٽن جو چارو، چپ اُجارا ٿوهر جا.

الزامن جون آنڌيون آيون، سنگ وٺا ٿي ٻوندن جا،
شهر ۾ قصا عام ويا ٿي، ڪالهہ اوهان جي ڪافر جا.

آيو ڪير اويلو آهي، سانجهہ ۾ سُرمئي شال ڍڪي؟
جنهن جي آجيان لاءِ ويا ٿي، جهيڻا سُرهي جانجهر جا

لهرون آيون، لهرون موٽيون، ڪوڏڪڙو هو ڪنڌيءَ تي،
سِپ اڪيلي موٽي ويئي، سڏ ڪنائي ساگر جا.

ڪهڙي نگري آيو آهين؟ شيشي جا احساس ڪٺي!
جلادن جو ڳوٺ آ سارو، ماڻهو سارا پٿر جا.

◈

بند سيئي در هوا ۾
ڀُلجي ويو کو گهر هوا ۾

باز ڏنو ڦيرو ۽ اُڏريا
پاريهر جا پر هوا ۾

ڪيڏا مورک آهن ماڻهو!
جوڙن وِيتا گهر هوا ۾

ٿورو وقت ڪڍي جي سوچين،
تنهنجو سارو تر هوا ۾

پن ڇڻيل جيئن اڏري ويندو،
ڪوڙ ڪنيو جي ڪر هوا ۾

ڪکرن تنهنجا لڙڪ چورايا،
۽ پکڙي ويو جر هوا ۾

◈





زندگيءَ جي اُجاڙ راهن ۾،
ڏُک، سوچون، پهاڙ راهن ۾

ڇيٺ ڪاڙهو آ، آءُ وڻ ڳوليون،
پير پنهنجا نہ ساڙ راهن ۾

پنڌ تنهنجو بہ ڏور پرڏيهي!
سج اُڇلي اُماڙ راهن ۾

ڳوٺ جي شام، ڇڪيندڙ منظر،
ڏوڙ، دانهون، ڏراڙ راهن ۾

او چري! سوچ، ڳوٺ ڇا چوندو؟!
خطن کي ايئن نہ ڦاڙ راهن ۾

◈

سانجهيءَ ٽاڻا، تنهنجون راهون
نيڻ نماڻا، تنهنجون راهون

تنهنجو اُلڪو ڳل اسان جا،
ڳوڙهن هاڻا، تنهنجون راهون

اڄ بہ ساڳيا آهن پنهنجا،
پنڌ پراڻا، تنهنجون راهون

قدم قدم تي پيڙا سانئڻ!
وِڪ وِڪ گهاڻا، تنهنجون راهون

تو بہ وڃي پرديس وسايو،
آئون نہ ڄاڻان، تنهنجون راهون

◈





نہ ئي ڪنهن اپسرا ساريو نہ ڪوئي ڪي پريون آيون،
اجارڻ شاعري پنهنجي، بہ تي بس چوڪريون آيون

صبح سان سانوري وهنجي، چِتا جيئن واءُ ۾ چوڙيا،
ڇڳا رابيل جا آيا، گلابن جون پريون آيون

لڳو تي جيترو هلڪو اوهان جو ساٿ سيني تي،
انهي جي پار جون يادون، پهاڙن کان ڳريون آيون

جڏهن پئي ڏيان ۾ پوڄيو اسان ڪافر بدن ڪنهنجو
گناهن جي گهٽيءَ مان پئي، ثوابن جون سريون آيون

ڇيوسين ويون لنگهي، ليڪن اسان تي درد جون نظرون،
پيون ٻيهر ءِ لحظي ۾ مڙيون، بيٺيون، وريون، آيون

◈

نظم








## نتاشا

آئون اتي ئي بيٺو آهيان،
منهنجي ڏيءَ وڏي ٿي وئي آ.
ٻاروتڻ جا سارا اوڇڻ
هن کي سوڙها ٿي ويا آهن
مون مان وقت وچي ٿو ڇٽندو
لمحا پوڙها ٿي ويا آهن
هن جي سائيڪل، بستا، پينون
هاڻي هڪڙي ڪنڊ والاري
خاموشيءَ ۾ ڍڪجي ويا هن
هُوءَ جا هاڻ وڏي ٿي وئي آ.
گڏڙين وارا هٿ انهيءَ جا
ڪمپيوٽر تي ٽِڪ ٽِڪ ڪن ٿا
۽ هن جا گڏڙا ۽ گڏڙيون
مون کان هڪڙو سوال پڇن ٿا
ڪير اسان سان کُڏندو هاڻي؟
پوڙهاپي جي سرحد ويجهو
پنهنجي خالي گهر جو سوچي
نيڻ هيءَ ڳوڙها ٿي ويا آهن
آئون اتي ئي بيٺو آهيان،
منهنجي ڏيءَ وڏي ٿي وئي آ

◈

*نتاشا= منهنجي وڏور ڏيءَ

اڄ ڏس! ساري شام پيڇي ٿي
سارا وڻ اشنان ڪرن ٿا،
تن جي هر ڪا لام پيڄي ٿي

جپ ڪيڏي ٿي وڄ ڪڪر مان،
جڻ ڪو ڪاريهر ڏمريو آ
ڦوڪ اڇي ٿي ڏهر ڏهر مان

تون تہ اڪيلو ناهين نگر ۾
مان بہ تہ توسان بيٺو آهيان
نفرت جي هن هيڏي ڇر ۾

مون ڪٺ توکي ٽوڪيو آهي
نيٺ تہ وڃڻو آهي توکي
ڪنهن تہ هوا کي روڪيو آهي؟

اڄ ڏس، سارا کيت ڪڙيا هن،
جو ٿو بادل وانگي مرڪي
تنهن جي من ۾ ڦول ٽڙيا هن

اڄ ڏس، آئون اهوئي آهيان،
جاٽان ٿو آ ڏات رڳو ڏک
پوءِ بہ وينو گيت ورهايان.

◈





## نابين وينگس جو نوحو

هُوءَ جا بي نور آهي
درد جو صحرا لڳي ٿي
جنهن جو ڪوئي نام ناهي
جنهن جو ڪوئي صبح ناهي
جنهن جي ڪائي شام ناهي
ڦوُهہ آرهڙ جي لُڪن ۾
هن کي پئي گرمي ڏنگي ٿي
هن مٿان ڪا ڇانوَ ناهي
آسمان هن کي پناهہ ناهي ڏني
ڌرتي جنهن لئہ ڌرتتي آ
هُوءَ جيڪا ڪلهہ ڏسي سگهندي هئي
هن کي پيي بہ نيڻ هئا
جيڪي هن جا سيڻ هئا
چنڊ هن جو رازدان هو
۽ هوا هن جي سکي هئي
هُوءَ جيڪا نَو لکي هئي
هُوءَ جيڪا ڪالهہ جوين تار ۾ هئي
پوپٽن جي ديس جي جڻ هُوءَ پري هئي

۽ جواني جي نشي ۾
ڪالهہ سچ پچ هُوءَ چري هئي
تارڙن جي سيج هن کي موهيندي هئي
اندلٺي هن جي چُنر جو رنگ هو
وقت هن جي سنگ هو
“موسمن جو قير هن جي
چوڙين ۾ هو لڪل”
هن جي وارن جا وراڪا
وڄ سان تشبيهہ هئا
هاڻ سا بي نور آهي
درد ۾ جڻ چور آهي
جڻ حياتيءَ ۾ ئي زندهہ لاش آهي
درد جو آڪاش آهي
پوءِ بہ هو مايوس ناهي
جي اکيون ناهن تہ ڇاهي؟
دل ۾ جيڪي نيڻ آهن
هاڻ سي ئي سيڻ آهن،
هاڻ سي ئي سيڻ آهن.
◈





اگ ائين هئي زندگي
روز تنهنجي مُک جو
آئينو پسبو هئو
۽ ڪنهن سرمئي شام ويلي،
چانهہ چُسڪيون، ٺهڪڙا، هلڪي شرارت
ڪتڪتائي
۽ اکين ۾
نينهن جو گهرو نشو
رات جو
خواب ۾ توسان ڪچهريون
۽ صبح ان خواب کي
شاعريءَ جي ويس ۾
ڊائريءَ ۾
بس ائين لاهي ڇڏڻ
ڏينهن جو آواره گردي
رات تنهنجو انتظار
تيز واءُ، سرگوشيون
چنڊ کي نياپا ڏيڻ
۽ ائين ئي راهہ ۾ وينو رهڻ

۽ ڪنهن گهري ڏک ملڻ تي
جلدي ننڊڙي ٻار جان
تنهنجي ڪلهي ڪنڌ رکي روئي پوڻ
۽ رڳو سڏڪا پرڻ
پر پرين ! تنهنجي پڇاڙان
هاڻ ايئن آ زندگي
روئندو هاٺي بہ آهيان
۽ اهي سڏڪا بہ آهن
پر پرين! تنهنجو ڪلهو هاڻي نہ آهي
رات ساڳي ئي ٿئي ٿي پر پرين!
هاڻ ساڳيو چنڊ ناهي
موهہ ناهي منڊ ناهي
جي رڳو آهن تہ جاني
تنهنجون يادون، اڪيلائي
هاڻ سي شامون نہ آهن
نم جون لامون نہ آهن
تو پڇاڙان بس اندر ۾
ڇيٺ جا ڪاڙها ڪڙهن ٿا
من جي ويران رڻ ۾
مور يادن جا رڙن ٿا
مور يادن جا رڙن ٿا

◈





اهو ڪير ؟
شاهد
وڃي پيو ڪيڏانهن؟
ڏسي پئي هُوءَ گهر جي
لڪي در وٽان
ٻيو هٿ ۾ اٿس ڇا؟
ڪتاب ۽ پنا!
چوي پئي سهيليءَ کي
هُوءَ خار مان
سڄو ڏينهن الاءِ تہ ڇا ٿو لکي؟
ٻڌو آ تہ هو شاعري ٿو ڪري!
“مگر مان تہ هن سان —
نہ ملنديس ڪڏهن”
چريو آ، ٿو چنڊ جي تمنا ڪري،
سُنو ٿس تہ ٻيءَ لئہ ئي آهون ڀري
ستارن ڪڏهن آهي ڏرتي ڇُهي؟
ڪڏهن سمنڊ واهُڙ ڏانهن اک آ ڪنئي؟
نہ ڪي رات ڏينهن ڪي چُمي آ ڏني
نہ ڪي شام صبح لئہ سپنا ڏٺا
نہ ڪي تيز اُس ۾ ڪڪر ئي وٺا
انهي لاءِ چئجوس هيءَ ساک سان
تہ ڏينهن ۾ ستارا ڏسڻ ڏي ڇڏي
اجايا ڪنهن ڏي خط لکڻ ڏي ڇڏي
اجايا ڪنهن ڏي خط لکڻ ڏي ڇڏي

ڪلي ٿي ڪينچلي ڪٽ تي
ٽڙن ٿا ٽار ٽانگر جا
ٽڙن ٿا پڳ مسافر جا
هوا مس پير ڪوڙي ٿي
تہ هُوءَ وارن کي ڇنڊڪو ڏئي
وري ڪو ٿهڪ ڇوڙي ٿي
وڃي سمجهائي ڪوهُن کي
بخيا ٿا اُپ جا اُڌڙن
پون ٿا ڏار ڏيهن ۾
اُپي ٿي آئيني سامهون
ائين آرس جو موڙي ٿي
پئي اڄ ديد جو هُن تي
اتي ئي نيڻ رهجي ويا
ڏنو هن ڇيلهہ کي موڙو
هينئين ۾ هٿ پئجي ويا
وڃي سمجهائي ڪوهن کي
سنجها جو سينڌ جي ڪڍندئين
ستارا سُن ٿي ويندا
اجايو ڪائناتن ۾
ڦهر جا ڪُن ٿي ويندا
مگر هُوءَ هوڏ تي آهي
دلين جا ڪيترا ململ
نگاهن سان نپوڙي ٿي
سپين جا هٿ شاهاٽا
ملائي ڏوڙ ۾، پٽ تي
ڪلي ٿي ڪينچلي ڪٽ تي

◈





ڪنهن گهڙي آءُ ذات، مينهن وانگر
ٻ ٻنا ٻوڙٿي لهو مون تي
زندگي آهي ڄيٺ ڏينهن وانگر
ڪنهن ڪکر ڇانوَ جيئن رهو مون تي

◈

اکين کي روڪ او نينگر!
صفا رولاڪ پوپٽ جيئن
وهيءَ جون واس ٽيون ڳولِن
چڪوري جيئن ڪڏهن چريون
نہ ڇهرو ـ چنڊ جي پسجي
تہ پوءِ آڪاس ٽيون ڳولِن
ميجون ٿا ! خواب جي آهن
انهن جو ڪوبہ مُل ناهي
اکين ۾ جيئن ٽڙن ٿا هُوءَ
سندن مٽ ڪوبہ گل ناهي
مگر هيءَ جڳ جيڪو آ
انهي وٽ عشق جو ماپو
دماغن جو خلل آهي
تڏهن ٿا چئون تہ اي نينگر !
اکيون ڪنهن چنڊ ڇهري کي
ڏسي آيون تہ روئيندڀون
(۽ پوءِ ميگهہ جي موسم ـــ
۾ پنهنجا درد ڌوئيندڀون)
(۽ پوءِ ميگهہ جي موسم ـــ
۾ پنهنجا درد ڌوئيندڀون)

◈




مرگھہ اُجارا نيڻ

سڪيءَ کي مون نہ آ سمجهيو.
پراڻي ڪا پرولي آ !؟
الئہ ڪا اڳ ڪٿي آهي؟!
صبح هن منهن پئي ڌوتو
ائين پئي وقت مهڪيو ڄڻ
گلابن جي سٿي آهي
رکيا هن پير ڌرتيءَ تي
مٿيءَ مان مهڪ ائين نڪتي
فرشتن جي پرن تان ڄڻ لٿي آهي.

◈

## ”ٿ“ جي نالي

عشق منهنجي جي هٿن ۾
تون ستارن جو پيريل جڻ ٿالهہ آهين
اڄ بہ تنهنجي آرزوءَ کي
مون تہ دل جي پاند ۾ پائي رکيو
تون سپاٽي سج جيئن پئي جرڪندين
تون ئي منهنجو ڪالهہ آهين
تو اڃان ڇاتو ڪٿي منهنجي مني!
آ اکين ۾ اُس ڪيڏي!
ڇانورا تنهنجي ڇهائن جا پري ڏاڍو پري
ٿي ڏکي مون ۾ محبت ٻاٻرن ٽانڊن جيان
تو ڏسان توکي تہ ٿو هيءَ ديد جو دوزخ ٺري.

◈





## هوشوءَ جي حضور ۾

ٿوڙي هاڻ مياٽيءَ پرسان
ناهي ڪوئي ڪنڌ ڪڪوريل
پر هيءَ کهڙي دهشت آ جو
اڄ تائين ڏهڪاءُ انهن ۾
هر رهزن جا لڱ ٿا لرزن
ڪالهہ جيان جڻ اڄ بہ تازا
جڻ تہ ڇِڪن ٿا گهاءُ انهن ۾!
تو جا ڪالهہ ڪئي هئي، ساڃي
ويريءَ لئہ للڪار هوا ۾
هر ويڪو جڻ واريءَ تي وڻ
جنهن کي ڏوڻ هوا جي ڏوڏي
پاڙان ائين اُکيڙي ويندي
۽ ان جا سڀ پتا، پاڙون
تاري تاري تيڙي ويندي
”مرويسون پر سنڌ نہ ڏيسون“
اڄ بہ انهن لئہ نانگ جيان هيءَ
تنهنجو نعرو لهرائي ٿو
جنهن کان ڇرڪي هر ڪو ويري
پنهنجو گس ئي بدلائي ٿو.

◈

## اسان کي عشق ساريو آ

اسان کي عشق ساريو آ
وڄن ٿا ساز سوچن جا
*نچن ٿا نيگرا بيخود
ڏمالون ديد جون آهن
اسان جو نينهن نيارو آ
*اسان جي بُت جي مٽي
سراسر عشق مان ڳوهيل
ڳچين ۾ ٻگهٽ وانگي آ
وفا جو واعدو پوبل
سياٽي کو متان ائين چئي
نياڻ ويو هُئن وسري
اها ئي ڳالهہ ڳرلائي
سدائين پريت پاريون ٿا
گهنگهر ۾ پيا گذاريون ٿا
اکين جي ماٽکين پويان
لکيل آ لار لڙکن جي
چپن تي آ مگر ساڳي





چٽي چانداڻ ٿهکن جي
دلين جو ديس هيءَ پنهنجو
رهيو آباد ۽ رهندو
پٽيان جيکو پڇي ان کي
وڏي واکي چئي چڏجو
اسان جو ديپ ٻاريو آ
انهيءَ کي روشنيءَ خاطر
اسان جو ٿو لهو گهر جي
انهيءَ لئہ پنڌ پيا آهيون
کنڊن جي ڪائناتن ۾
پٿون هيءَ پير ٽيندا پر
اسان هر دؤر جي دڳ تي
ائين ئي يار! گهاريو آ
وڃون ٿا واءُ سان گڏجي
اسان کي عشق ساريو آ
اسان کي عشق ساريو آ

◈

*نيگرو= انگريزي ٻوليءَ جو لفظ Negroشيدي
*بُت= بدن

هن ذات جي ڪُنديءَ ۾
ڦاٿو مڇيءَ جيئن ماڻهو
اڻ ڄاڻ سڀ هيءَ ڄاڻو
ڪوئي نہ ٿو ٻڌائي
آ ڇا تہ سوالائي
هيءَ وار يار ڪُنڊڙا
تاريخ جن ۾ ويڙهيل
چمڙيءَ جي ڏِگ ڏِگ تي
ڪيڏا صفحا سهيڙيل
هُوءَ لوڏ جا لکن جي
جنهن کي جهُڳي ڪکن جي
آهي هليو حبش کان
هينئر بہ پنڌ ۾ آ
ڪيڏو وڏو تسلسل !
اڄ تائين رند ۾ آ
سڀ مات جيت هن سان





وڙڪن ٿا واءُ وانگر
هن جا سپئي تصور
هلڪي هڳاءُ وانگر
ٻاهي سگهيو نہ ڪوئي
هيءَ ذات بس ايئن آ
سَوَ ساز سارنگيون ڇڻ
هيءَ لات بس ائين آ
ڪا ٻاٽ ڪونہ رهندي
ڏيئن جيئن ڏيل آهن
اي رات روشنيون ڏس
ڪيڏا قنديل آهن.

◈

آسمان جي ڳلين ۾
چنڊ رُلي رهيو آهي
تارا پٽر تي ويا آهن
شهر ۾
پاڳين جي گهرن ۾
چور سُتل آهن
۽ پاڳيا چورن جا پير ڳولي رهيا آهن
ڪتا گدڙن جو آواز ٻڌي
شهر ٻاهران وڃي لڪا آهن
شهر جي پاڳين
مينهون پالڻ بدران
سُوئر پالڻ شروع ڪيا آهن
۽ آسمان جي سوڙهين ڳلين ۾
چنڊ وڃائجي ويو آهي.

◈





ماني اهو ڪائي
جنهن کي هٿ نہ هجن
سٺُن وڳن پائڻ لاءِ ضروري آهي
تہ پنهنجا جسم گروي رکو
۽ دماغن کي
بئنڪن جي لاڪرن ۾
قيد ڪري ڇڏيو
تہ جيئن
توهان جو مستقبل
وڌيڪ روشن ۽ تابناڪ ٿي سگهي.

◈

## فرق

منهنجي ڪمري جي دري
سمنڊ ڏانهن کلي ٿي
۽ آئون روز
جل پرين کي
وار سنواريندي بہ ڏسان ٿو
پر پوءِ بہ
شاعريءَ جا ناسي بادل
منهنجي تخيل جي آسمان کان
پاسو ڪري گذري ويندا آهن
۽ هُوءَ ڇوڪري
جنهن جو گهر
شهر جي آخري ڇيڙي تي آهي
روز الاءِ ڪيترا اڻ لکيل نظم
پنهنجي پوتيءَ جي پَلَوَ مان ڇنڊي
انٽرنيٽ ڪيفي ۾ هلي ويندي آهي.

◈



مرگهہ اُجارا نيڻ

## *Not waiting*

گهڙيال جي ڪانٽن تي
تڪڙ سوار آهي
هر گذرندڙ گهڙي
ڄڻ تہ ريس ڪورس
جو گهوڙو آهي
جنهن جا تيز ۽ کُرا سُنب
اسان جي خواهشن کي
ڦٽيندا ۽ لتاڙيندا گذري رهيا آهن
پر آئون
اهي سڀ ڳالهيون
توسان ڇو پيو ڪريان؟
تو تہ پنهنجي دروازي تي
Not waiting جي تختي لڳائي ڇڏي آهي.

◈

## نئين تهذيب

منهنجي شهر جي ماڻهن
سڀ ڪجهہ وساري ڇڏيو آهي
هو روز
شهر ٻاهران گڏ ٿي
لهندڙ سج کي پونڌا ڏيندا آهن
۽ شهر ۾ رهندڙ
شاعرن کي پٿر هڻندا آهن
۽ گاريون ڏيندا آهن
۽ سال جي آخر ۾
پنهنجي سموري ڪارڪردگيءَ جو
جشن ملهائيندا آهن.

◈





## امان ڪلثوم لاءِ

ماءُ منهنجي!
آ تتي آرهڙ جيان هيءَ زندگي
ڇانوَ جيئن تنهنجو وجود
روز اولهہ ۾ جڏهن پيي سج لٿو
مامتا تنهنجي اڳيان
مون جهڪي ٽيڪيو مٿو
ٻيو ڪٿي منهنجا سجود؟!
آس هڪڙي ئي اندر جي آرسيءَ ۾
ٿي بکي هر هر گهڙي
شال منهنجو هٿ جهلي
زندگيءَ جي ڏوجهرن ۾
تون هجين مون سان کڙي
جيڪڏهن ٻيهر جنم منهنجو ٿئي
آئون تنهنجي ڪُک مان ئي ڦل ڇمان
آئون تنهنجي ڪُک مان ئي ڦل ڇمان

◈

## نجيءَ کي جنم ڏينهن مبارڪ

تنهنجون راتيون ڏينهن جهڙيون
سڀ سويرا سون
شال سدائين تنهنجون شامون
ڏاڙهونءَ ڪڙ جيئن هون
تو لئہ وقت هندورو ٻڻجي
لوڏن توکي پيا ڳ
شال سدائين مرڪين
ماٺين موتين جهڙو ماڳ
تو لئہ لفظ پچائون منهنجا
اُلڪا اُلڪا گيت
اڄ جو تنهنجو ڏينهن جنم جو
مون نہ پُليو ڪنهن ريت.

◈



مرگهہ اُجارا نيڻ

آءُ اي وڇڙيل مسافر !
ڳنڍ ڪوليون ڏک جي
سال ٿيا سيني مٿان
هڙ جيڪا هجر جي آهي پيل
سا هٿي ئي ڪانہ ٿي
موسمون آيون، ويون، ايندون مگر،
دک جي موسم مٿي ئي ڪا نہ ٿي.

◈

آ ڳجهارت جهڙي جئين هيءَ ڪائنات
تون بہ ان جو ڳُجهہ آهين
ڪيترا پيرا پڄڻ چاهيم مگر
آ ڏکي تنهنجي پرولي
پاڻ پيو وچڙيو وڃان ٿو بار بار
تون سکي آهين نہ سولي
ذات تنهنجي دائرن ۾ ۽ ڪُنڊن ۾
ايترو ورڇي پئي آ.
وٺ ڪوليندي انهي جا
زندگي ورڇي پئي آ
روز ٿو سوچيان سکي !
سمجهہ لئہ ڪنهن سُٽ وانگي
ايتري ڇو آن منجهيل؟
ايتري ڇو آن ڳُجهي؟
جو سدا تو لاءِ سوچي
روح پئي ٿو ضربجي
عشق منهنجو ئي هميشہ
ڪٿ ۾ ڇو آ رهيو؟
۽ حسن تنهنجي جي ساري ڪائنات
آ پئي پاڇيءَ جيان
جسم پنهنجي جي ڏکي جاميٽري
ڇئو: پڙهائيندئين ڪڏهن ؟
من جي مڪتب ۾ ڪنهن معلم جيان
تون مني ! ايندئين ڪڏهن؟

◈





## وايون



آهن ڪيڏا ھُل!
سانجهيءَ جي آڪاش ۾

ٻرڻ لڳا ٻاٽ ۾
*تارا ڀَتر گُل
سانجهيءَ جي آڪاش ۾

چنڊ نہ ڪڙيو چيٽ جو
ڀُل ٻہ ايڏي ڀُل!
سانجهيءَ جي آڪاش ۾

ڪڪر ڪارونيار جا!
*ڇُوهو ٻڙجي ڇُل
سانجهيءَ جي آڪاش ۾

◈

*ڀَتر= جهنگ جو هڪ ٻوٽو جنهن ۾ هئڊا گل ٿيندا آهن.
*ڇُوهو= تيز مينهن





ڪنهن ٻہ تہ ڄاتو ڪينڪي!
ماتم هيءَ من جو
ڪيڏا سج لهي ويا!

پن ڇڻ لئہ ڪجهہ ڪونہ هو
پاراتو پن جو
ڪيڏا سج لهي ويا!

ٻُڪين اجايو ڪيو
اوسيئڙو اَن جو
ڪيڏا سج لهي ويا!

تو ڪي پتو ڪونہ پيو
تتل هن تن جو
ڪيڏا سج لهي ويا!

◈

آڌيءَ جو گهر ۾
شاهد جاڳي تو

اهڙو ڪير آهي؟
جنهن جي گوندر ۾!
شاهد جاڳي تو

نيل گگن هيٺان،
ڪٽ تي، آڱر ۾
شاهد جاڳي تو

تون ناهين، ڇا هي؟
يادن ـــــ پاڪر ۾
شاهد جاڳي تو

◈





نيڻ اسان جا،
تنهنجي شهر ۾
گُم ٿي ويا آهن

بوندن جا قطرا
نيري ساگر ۾
گُم ٿي ويا آهن

تنهنجو پويون خط
ڳوڙها ڪاڳر ۾
گُم ٿي ويا آهن

رُلي رُلي سپنا
نيڻن جي بر ۾
گُم ٿي ويا آهن

دوريءَ جا سڏڪا،
پهرئين پاڪر ۾
گُم ٿي ويا آهن

ڏسندي به تارا،
هڪڙي ڪڪر ۾
گُم ٿي ويا آهن

◈

ٻــ ٻــ ٿـي جـاڙيـون،
اُڏرن ٿـيـون آڙيـون
نيري ڪينجهر جي مٿان

برڪا جا ڪارا ڪڪر،
ٿـاهـن ٿـا مـاڙيـون
نيري ڪينجهر جي مٿان

اُجـلـي پـيـو سـج ٿـو،
ڪـيـڏيـون اُمـاڙيـون!
نيري ڪينجهر جي مٿان

شام صنوبر وڻ جيئن،
لامـون هـن لاڙيـون
نيري ڪينجهر جي مٿان

شام گلابي، ٻيڙيون،
ست رنگيون ساڙهيون
نيري ڪينجهر جي مٿان

◈





اونـدهـ آهـي لـٿـي
ٻـاري ڇـڏ بـتـي!
سانجهيءَ جي ويلي

آئي من جي دوار تي،
ڪـوتـا رنـگ رتـي
سانجهيءَ جي ويلي

کولي منهنجي ڊائري،
ويـئـي گُـل رکـي
سانجهيءَ جي ويلي

ڏيئا ٻاريم گهر ۾،
تنهنجو نانءُ وٺي
سانجهيءَ جي ويلي

◈

ڪڪرن اوٺ منجهان
توڪي چندرمان
گهوري رهيو آهي

ڪُڏندڙ ٻارن ڪي،
فوجي وحشيت مان
گهوري رهيو آهي

ويندڙ وينگس ڪي،
ڪوئي در وٽان
گهوري رهيو آهي

ناهي ڄاڻ سُڄاڻ،
پوءِ بہ هو ڇا ڪان؟
گهوري رهيو آهي

ڪانوَ لولَي ڪي،
گهر جي چوٽيءَ تان
گهوري رهيو آهي

◈





ڇا پئي هلندي شاعري
ايئن مُدامي
شاعر سوچي ٿو

ڪوتا پوئين رات جو،
ايندي اُڏامي
شاعر سوچي ٿو

شل نہ ڏيئا ڏات جا،
وڃن وسامي
شاعر سوچي ٿو

لڪندي لڪندي رات پي،
ويئي وهامي
شاعر سوچي ٿو

ڪڏهن ويندي ديس مان،
ٻُڪ ۽ غلامي
شاعر سوچي ٿو

◈

تنبوري پر ۾
چا ٿي سوچي ڳائڻي!؟

سوچون گهري سمنڊ جان،
ايڏيءَ ٻُڏتر ۾
چا ٿي سوچي ڳائڻي!؟

چوڏاري ميڙو متل
ماڻهن _ ساگر ۾
چا ٿي سوچي ڳائڻي!؟

سارون سَوَ سرير ۾،
يادن ـــــ پاکر ۾
چا ٿي سوچي ڳائڻي!؟

◈






کيئي پورب پنڌ
هن جي نيڻن ۾
تنهنجي سندر تڙپنا، کيئي کرايا کنڌ،
مٿان وِڳهہ کوٽ جي، آهي کڙيو چنڊ،
چنبيلي جي واس ۾، کيڏا مهکن منڊ!
مٿان سرءُ راتڙي، تنهنجي آهي اُکنڊ
ويٺي ويٺي سارجي، ڳهلا! کول نہ ڳنڍ،
مونکي تنهنجي موهہ جي، موهي ويئي سُڳنڌ
آهي تنهنجي آس ۾، ساڻو ساڻو سَنڌ،
آءُ تہ گذري نہ وڃي، مهکارن جي مُند.
کيئي پورب پنڌ
هن جي نيڻن ۾

◈

گوري! تنهنجو گج
منهنجي جيون ۾
ڪيڏا رنگ ڀري ويو!

ڀيڙائون ڀوڳي،
ڪوي لفظن ۾
ڪيڏا رنگ ڀري ويو!

سج جو هڪ ڪِرڻو
دريءَ شيشن ۾
ڪيڏا رنگ ڀري ويو!

تنهنجو ڏنل درد
ٻي رنگ جوڀن ۾
ڪيڏا رنگ ڀري ويو!

سندريءَ جو سپنو
منهنجي نيڻن ۾
ڪيڏا رنگ ڀري ويو!

*علڻ جو آواز
شاهہ جي بيتن ۾
ڪيڏا رنگ ڀري ويو!

◈

*علڻ= سنڌ جو يگانو راڳي مرحوم علڻ فقير





مرگهہ اُجارا نيڻ

تڙپندي تارا نہ ڳڻ،
آڻ هن ڪي اوڏڙو

روز ٿو سڏڪي چوي،
ڏک مان مونکي ڏڪڻ
آڻ هن ڪي اوڏڙو

ڏُک کي پاسي ڪري،
سُک جا پيرا تہ کَڻ
آڻ هن ڪي اوڏڙو

سِڪ کي سائو تہ رک
ڇڪ ۾ ايڏو نہ ڇڻ
آڻ هن ڪي اوڏڙو

◈

اڄ ٻہ ساڳي آرزو
ڪنهن گهڙي تو کي ڏسان

واءُ سان گڏ وڙڪندي
يا گُلن سان مُشڪبو
ڪنهن گهڙي تو کي ڏسان

تو ڪويتا سان ڪيان،
رو ز ساڳي گفتگو
ڪنهن گهڙي تو کي ڏسان

خواب جو خيمو تپي،
دل چوي تي رويرو
ڪنهن گهڙي تو کي ڏسان

◈





عمر ڀر ساڳيو ملال
روح روڙيندو رهيو

چو نہ مون تنهنجا چتايا
ڳل ڪاوڙ ۾ ڳلال
عمر ڀر ساڳيو ملال
روح روڙيندو رهيو

چو نہ مون تنهنجا ڪنايا،
سڏ هيءَ جلدي ڪلال
عمر ڀر ساڳيو ملال
روح روڙيندو رهيو

چو نہ مون تو تي لُٽايا،
هاءِ جوين جا جلال
عمر ڀر ساڳيو ملال
روح روڙيندو رهيو

◈

## هائيڪا








اوندهہ ٽاريو ٽڙي!
سانجهي آڳر ۾
ٻتي ٻاريو ٽڙي

◈

ڏهرن منجهہ ڏيئا،
ڪنهن جي لاءِ ٽي وئي؟
ساري پٽ ليئا!

◈

ڏينهن پيو ٽهڪي
*گندڙ، گوجون جهول ۾
مهاڻي مهڪي.

◈

*مڇيءَ جا قسم

ڇا ڇا سمنڊ ڇيو
ڪوڏ پوءِ بہ ڪپ تي
ڇُپ ئي ويٺو هو.

◈

جهُڙ ڏئي آڏو
رُناسين ٻئي ياڪرين
*آئون ۽ ڪاڏو

◈

*هيءَ تنهنجو راڄو
سدا سانوڻ ڏينهڙا
وڄن جو واڄو

◈

* ڪاڏو= منهنجو ڳوٺ

* راڄو= راڄوخاناڻي (اتي ڪنهن جي هجڻ ڏانهن اشارو)



مرگهہ اُجارا نيڻ

سانوڻ ڪنوڻ ساڻ
جيڏلون جوانڙيون
پڏر منجهہ رهاڻ

◈

جيئري ڪوتا ڄڻ،
هُوءَ جا ملي پنڌ ۾
ڪٽڪ رنگي ڪولهڻ.

◈

پاٽياريءَ جي پريت
وڏا جيون جهول ۾
گهاگهر جهڙا گيت

◈

چو نہ لکن ٿا؟
پاڻيءَ منجھان رچ کي
*ڏنيرا ڏسن ٿا.

◈

ڪنهن لئہ ڪيهن ٿا؟
چا کي سوچي واٽ تي
*برڙا بيهن ٿا!

◈

لاريءَ جا لوڏا،
چرڪي نينگر چال سان
گسيا جيئن گوڏا.

◈

*ڏنيرا = مڇي
*برڙا = چيلا





امڙ اج ويئي،
رُنا ويٺي ٻارڙا
*ٻُنيءَ پر ڏيئي.

◈

شال چمر چُلڪن
اونهاري جي اُس ۾
*ٽيٽا ٽا ٽُلڪن

◈

* ٻُني = قبر
* ٽيٽا = هڪ پکي

مون تي جهُل نہ جهُل
تانگر تاري ! واءُ ۾
ڇڻندا تنهنجا گل

◈

ٻانهون ڳچيءَ هار
پاڇا پپر اوٽ ۾
هيرون ۽ هٻڪار

◈

ڊهي نہ ڊهندا
منهنجا پيرا توپنيان،
راهن تي رهندا

◈





*گهگهہ کيا گهيرا
سارا پکي واءُ ۾
خالي آکيرا

◈

سارا رد دليل
ڄڻيا هکڙي ڪُک جا
*آئون ۽ عديل

◈

اُپ سڄو ئي اچ،
ڪنير سوچيو مينهن ۾
*ڪٿي پچندا رچ؟

◈

*گهگهہ= چپ
*عديل= عديل خواجہ منهنجو دوست
*رچ= ٿانوَ

مون مس سوچيو هو
تنهنجا چپ چمي وٺان
اکيون آچيون ٿو

◈

واهوندا ورندا
ڪيسين آرهڙ اُس ۾؟
ڏينهن پيا ٻرندا!

◈

آئون نہ ڪو افسوس
آندا مٺ مجاز جا
*منهنجي لاءِ بڪوس

◈

*بڪوس= شراب جو ديوتا



مرگھہ اُجارا نيڻ

مون لئہ گهاٽا وڻ،
پٽائي، باھُو هجي
يا هُو فريدڻ

◈

اتي ٽيڪ مٿو
جتي ٽڪجي جهنگ ۾
سانجهيءَ سج لٿو

◈

نڪتو نوريئڙو
ءِ ان تي مرڪي وڏو
سانجهيءَ سج ليئڙو

◈

*ڪاڪيندا هيءَ ڪير؟
جنهن ڪي پڙو پٽ جو
ميـنديءَ رتا پير

◈

ٻـپـهـريءَ ڏاري
ٻاڱيو ليٽيو جهنگ ۾
وچـن ڪـي واري

◈

وهـيءَ ولـوڙا
مُرڪن بيٺيون نينگريون
ساٽا ٻـہ پوڙها

◈

*ڪاڪيندو= هڪ جيت





مينهن مٿان ۽ ماگهہ
پنڌ پرينءَ جي پار جو
*واٽون جهڙا واگهہ !

◈

چنڊ ٻہ اُجهاڻو
پنڌ پرينءَ جي پار جو
مان ۽ ٿانڊاڻو

◈

سُتو ڪيئن سڄڻ؟
آيو چنڊ چوٺري مٿان
جنهن جي ننڊ پسڻ

◈

*واگهہ= شينهن

بادل! ڇا ايڏانھن؟!
*ڇايا جھڙيون ڇوڪريون
سڀ ويون ڪيڏانھن؟

◈

ڪونجڙيون ڪيتي،
او شل پسان مند جون
لڳھہ وٽ ليتي

◈

*اِشو لوھاڻو
سانديو هُن سياءُ ۾
سنجھا جو تاڙو

◈

*ايشور لوھاڻو= منھنجو خوابن جھڙو دوست
* ڇايا= پاڇو





## ڏيڍ ستا



زندگي ڪلهہ ڪان پلي،
واٽڙيون بہ ڪيئي پر، اڄ ڪٿي تنهنجي ڳلي.

◈

چو هيٺ ڪيئي نظرون؟
اڄ ٽوڙ حجابن کي، ڪر ڪالهہ جيان خبرون.

◈

تو وقت ڇڏيو ٿاري،
وئي ايئن وهي گذري، ڇڙ مڏ ڇڏيئي هاري.

◈

جي ٿار هيا بادل!
چو ڪونہ وٺا ٻُٽ تي، بيڪار هيا بادل.

◈

چوڙيون تہ پڳيون آهن،
پر رقص ۾ هيءَ گوري! ڪنهن ڪاڻ سڳيون آهن؟

◈



مرگهہ اُجارا نيڻ

اي هير! ٻڏين پيئي،
آ وقت ٺڳيو مون کي، سارن جا سڪا ڏيئي.

◈

تو ڪونہ ڪڏهن ڄاتو،
هيءَ نانءَ سدا تنهنجو، مون هار ڪري پاتو.

◈

آ نينهن ڪچي ڏوري،
ڪنهن وقت ڇڄي پوندو، ڏين ڇڪ متان چوري !

◈

ڪير ائين ڳائيندئي؟
جي نہ مان رهيس تو وٽ، ڪير ائين چتائيندئي.

◈

تو پلي رٺي آهي،
پر ڪڏهن تو ڄاتو آ، ايتري وٺي آهي!؟

◈

ڪنهن کي تہ وٽي ويجان،
خالي نہ ڏئي خوشبوءِ، اي نار! چٽي ويجان!

◈

اي شباب ۾ ويڙهيل !
وائکي نہ ٿيندين ڇا؟ اي نقاب ۾ ويڙهيل !

◈

ڳجهہ ڪو سلي ڪنهن سان،
آ چگو تہ ڇڏجي اچ، روح کي رلي ڪنهن سان.

◈

*اڄ ڪٽيون ڪٿي آهن !
مور گنگنائن ٿا، مورٽيون ڪٿي آهن؟

◈

مورٽي جيان آهين،
اي لڏڻ! جوانيءَ ۾ راڳڻيءَ جيان آهين.

◈

*ڪٽيون: ٻهراڙيءَ جا ماڻهو اهو اصطلاح هلڪي برسات لاءِ ڪم آڻيندا آهن.



مرگهہ اُجارا نيڻ

جي نہ ٿا پيئن ماڻهو
مڌ پيار جو ڪنهن کان، جڪ ٿا جيئن ماڻهو.

◈

حال ۾ نہ هستي آ،
ڇا ڪجي پرين پيارا ! ٻي وڻن جي بستي آ.

◈

آءُ تون گهٽا وانگي،
ٿا ٻرن محبت ۾، چپ هيءَ چتا وانگي.

◈

چوڪرو ڀُلو آهي،
چوڪري تہ ناهي هُوءَ، آڳ آ، اُلو آهي.

◈

اڄ ڏيڍ نہ آ ڪوئي،
تو سيءَ پوي ڏاڍو، اڄ لال! ڍڪي لوئي !

◈

سنسار نہ آهُن جيئن،
مون ڪالهہ پئي سوچيو هر نار نہ آ هن جيئن.

◈

چنڊ رات ڪٿي هونديئين،
جي آئون سڏيان توکي، اي ذات ڪٿي هونديئين؟

◈

*هو ويئي هلي منوا !
چوائين ڪري چورو، تو مام سلي منوا ؟!

◈

آ ڏنگ ڪجيءَ جهڙو،
*ٻيو آهي منو ڪاٿي؟ ڪو نانءُ نجيءَ جهڙو.

◈

* منوا = اي من!

* نجيءَ = منهنجي هڪ دوست.





اڄ رات جدائيءَ ۾،
تو ڪيئن ڪٿي هوندي، برسات جدائيءَ ۾؟!

◈

گلنار ڏٺا ها تو،
ڪلهہ هُن جا ڪاوڙ ۾، رخسار ڏٺا ها تو؟!

◈

*تو ڳالهہ ٻڌي پنيرا !
ٿي ايئن چُليون چاتيون، ٿي جڻ تہ تپيا ڏنيرا.

◈

*نيرو ئي ٻڌائيندو،
سڀ راز سکي توکي، هو روئي ٻڌائيندو.

◈

* هڪ دوست ڏانهن اشارو

*سنڌ جو هڪ قديم وهڪرو

آهن تہ ڪتي مرٽيون،
پر ڪونہ پتو تن کي، تيون چال ڏين هرٽيون.

◈

برسات اُڪامي وئي،
مون ڪالهہ پئي سوچيو ڪيئن عمر وهامي وئي؟

◈

سنسار چڙي ويو سو
جنهن گيت چيا تنهنجا، فنڪار لڏي ويو سو.

◈

تاريخ عجب ڏارا،
※اورنگ تہ اجهامي ويو تو اج بہ ٻري دارا.

◈

※اورنگ= ارونگ زيب، جنهن پنهنجي ڀاءُ دارا شڪوهہ کي ماريو.

※دارا= دارا شڪوهہ





مون لاءِ لتا تنهنجا
اج ڪالهہ ويا گُم ٿي، سڀ پار پتا تنهنجا.

◈

ان ويل اڏامي ويا
جنهن ويل چڙيا چيرا، پاريل اڏامي ويا.

◈

پينار بہ ساڳيو آ
جيئن هُوءَ پِني لولو زردار بہ ساڳيو آ.

◈

پرڪار اهي ساڳيا
دنيا تہ بدلجي وئي، پر يار اهي ساڳيا.

◈

دوها

۽

سوايون








## دوها

ناوَ نديءَ ۾، تڙ تي نينگر، سونهري سانجهي،
ڇا ڇا ديد_دريءَ مان پسنديِن، او ويندا مانجهي؟!

◈

اهڙي کهڙي صورت تن جي، اهڙا کهڙا سيڻ؟
جن کي ساري ٻرجي آيا، نيروليءَ جا نيڻ!

◈

جيئن ڏسي شرمائي ٻگي هُوءَ، پکڙي پوتيءَ پاند،
ٻوڙان ٻوڙ لهي ٿي کوتا، هاڻ کٿي ويساند!؟

◈

هيڏيون سارون، هيڏا سپنا ۽ هيکلڙو من،
ڪيسيتائين تن سان وڙهندو تنهنجو هيءَ ساجن؟!

◈

چنڊ نديءَ جي ٻڪ ۾ آهي، ليئا ليئا لهريون آهن،
تون تہ پري آن پوءِ ڇو منهنجون، ٻانهون هينئن اُڀريون آهن؟

◈

پنهنجو جيون اهڙو، جهڙو ڪو پاڻيءَ تي پن،
آئي لهر لڙهي ويندا سين، سچ آ ڙي ساجن!

◈

سالن ڪان پوءِ ياد هو آيو، آهي اڄ اچانگ،
من_اڱڻ تي اُتريون آهن، سارون ڪانگل وانگ.

◈

تن تي ميرا ڪپڙا جنهن ڪي، ليڙون ليڙون پوت،
پر ڪا اهڙي جوت نہ جڳ ۾، جهڙي هن جي جوت.

◈





## سوايون

هُن جا ميرا پير بہ چڻ
هلڪي دز گلابن تي.

◈

ٿڙندي نڪري وئي دور
ڪنهن تي وڄ جي اک پئي؟

◈

مڏ متو آ ماڪيءَ ڪان،
تنهنجي ڄڀ ڪڙي آهي.

◈

سَوَ سَوَ سانگ ڪري ٿي ڪوتا،
چڻ ڪو تنهنجو پاند لڳس.

◈

آئي تہ سارا چنندي ڇيهہ
ڇوليءَ لاءِ نہ ڪپ تي ويهہ.

◈

ستارا ڇير ۾ پوئي، ٿلي ٿي واهہ جو وينگس،
سڄوئي پنڌ پاڳل آ، رڳو هيءَ لڪ ڪونهي ڪو.

◈

صليب جاڳ جا گيهلي، اکيون پهتيون اوهان تائين،
مسيحا ننڊ جا ! تو وٽ، مگر ڪو خواب ئي ڪونهي.

◈

ميگهہ الائي ساريو ڪير؟!
ساري رات رُنا بادل.

◈

سدا روپ تنهنجو وسيو مينهن ٿي،
اسان جي اڀالي ڪويتا مٿان.

◈

وينگس آهي دريا جو آر،
جنهن کي چاهي تنهن کي پائي.

◈





پنجڪڙا



راتِ ڪنهن رابيل وانگر آ ٽڙي،
چنڊ منهنجا تون ڪٿي آهين اڃان؟
ٿو سبب ڪهڙي ڪان تڙپائين اڃان؟
اپ تي ڪيڏا ستارا پيا ڪڙي،
راتِ ڪنهن رابيل وانگر آ ٽڙي.

◈

موت واچوڙي جيان آهي مٿا،
ڪيترا جيون لَٽي ويو ڏوڙ ۾،
سچ پر ڪاٽي لڪيو آ ڪوڙ ۾،
هڪ قصي ڪوڙي جيان آهي مٿا،
موت واچوڙي جيان آهي مٿا.

◈

هُوءَ ندي ۾ عڪس پنهنجو ٿي ڏسي،
چنڊ ڪيڏي ٿو پپر جي ڏار سان،
رات ريجهي وئي چڙن جي لار سان،
چاندني هُن جي بدن تي ٿي وسي،
هُوءَ ندي ۾ عڪس پنهنجو ٿي ڏسي.

◈

اهو چنڊ هن جي اڱڻ جو گلاب،
اها رات هن جي اکين جو ڪجل،
اها شام هن جي چُني مڏ پنل،
اها مرڪ هن جي پراڻو شراب،
اهو چنڊ هن جي اڱڻ جو گلاب.

◈






آئون ٿو وٺ هجان هجان نہ هجان،
منهنجا هي گيت زندگي آهن،
تنهنجي هڪڙي ڏنل چمي آهن،
ڪنهن گهڙي ياد ستائي تہ شاعري پڙهجان،
آئون ٿو وٺ هجان هجان نہ هجان.

◈

اهو چنڊ توکي ڏَسيندو سکي،
اسان جا پنل نيڻ ان ئي ڏٿا،
سدائين گهٽائن جيان جي وٿا،
ٻيو ڪير توکي سليندو سکي،
اهو چنڊ توکي ڏَسيندو سکي.

◈

هُوءَ هوائن جي چُنيءَ ۾ بادلن جهڙو بدن،
چنڊ سان ور ور ٻکي ٿو
منڊ ساري کي ڪکي ٿو
تنهنکري ئي رِيس ۾ آهي گگن.
هُوءَ هوائن جي چُنيءَ ۾ بادلن جهڙو بدن.

◈